# انقلابي ڪميونسٽ انٽرنيشنل

# پڏرنامو

دنيا جا پورهيتو هڪ ٿي وڃو!

# انقلابي ڪميونسٽ انٽرنيشنل (RCI) جو منشور

Menifesto of the

Revolutionary Communist International

(RCI)

WWW.MARXIST.COM

WWW.MARXIST.PK

Menifesto of the

Revolutionary Communist International (RCI)

”سيئي حق ۽ واسطا پبلشر وٽ محفوظ آهن“

انقلابي ڪميونسٽ انٽرنيشنل(RCI)

سنڌيڪار : مزمل عمر منگي

ڇاپي جو انگ :

ڇاپي جي تاريخ :

ڇپائيندڙ : لال سلام پبليڪيشن، خورشيد بلڊنگ، 110 ايبٽ روڊ، لاهور

فون نمبر : 021-36311122

پرنٽر : ياسر عمير

قيمت :

Email: editor@marxist.pk

MARXIST.PK

MARXIST.COM

# منشور

1938ع ۾ روس جي عظيم انقلابي ليون ٽراٽسڪي چيو هو تہ ”انسانيت جو تاريخي بحران قيادت جي بحران ۾ تبديل ٿي ويو آهي“. اهي لفظ اڄ بہ ايترو ئي ڪارآمد آهن، جيترو اهي لکڻ وقت هئا.

ايڪيهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ سرمائيداراڻو نظام هڪ تباهي واري نامياتي (Organic) بحران جو شڪار آهي. اهو عمل تاريخ ۾ پهريون ڀيرو نہ ٿي رهيو آهي، پر اهو ان حقيقت کي ظاهر ڪري ٿو تہ هڪ سماجي تاريخي نظام پنهنجي آخري حد تي پهچي چڪو آهي، جيڪو هاڻي وڌيڪ ترقي پسند ڪردار ادا ڪرڻ جي صلاحيت کان محروم آهي. تاريخيماديت جو مارڪسي نظريو اسان کي هن لاڙي جي سائنسي وضاحت مهيا ڪري ٿو. هر سماجي ۽ معاشي نظام خاص سببن جي ڪري جُڙي ٿو، ترقي ڪري پنهنجي عروج تي پهچي ٿو ۽ نيٺ پنهنجي زوال ڏانهن موٽ کائي ٿو. رومي سلطنت ۽ غلاميءَ جي زوال جي ڪهاڻي بہ لڳ ڀڳ ساڳي هئي.

سرمائيداريءَ پنهنجي ترقي پسند دور ۾ صنعت، زراعت، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۾ بي مثال ترقي ڪئي، پر ان سان گڏوگڏ سرمائيداري نظام لاشعوري طور تي مستقبل جي طبقاتي سماج لاءِ مادي بنياد به مهيا ڪيا پئي.

پر هاڻي اهو سمورو عمل پنهنجي آخري حد تائين پهچي چڪو آهي جنهنڪري هر شيءِ پنهنجي ابتڙ ۾ تبديل ٿي رهي آهي. سرمائيداراڻي نظام جي تاريخي صلاحيت ڪڏهوڪي ختم ٿي چڪي آهي، سماج کي اڳتي وڌائڻ بدران هاڻي اهو نظام تباهيءَ ڏانهن وڌي

رهيو آهي .

هاڻوڪو بحران سرمائيداري نظام ۾ عام معمول وارو بحران ناهي، پر اهو هڪ اهڙو بحران آهي جنهنڪري سرمائيداريءَ جي وجود کي ئي خطرو آهي، جيڪو نہ رڳو پيداواري قوتن اندر جمود جي صورت ۾ پر تهذيب، اخلاقيات، سياست ۽ مذهب جي بحران جي صورت ۾ پڻ ظاهر ٿئي ٿو.

امير ۽ غريب جي وچ ۾ طبقاتي فرق تمام گهڻو وڌي ويو آهي جتي چند اميرزادن جي هٿن ۾ بي پناهہ دولت جمع ٿي وئي آهي، ٻئي پاسي انسانيت جي وڏي اڪثريت وٽ غربت، ذلت ۽ نااميديءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي. جيتري اونداهي اڄ آهي، ايتري اوندهہ ماضيءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ هئي.

اهي آهن هڪ بيمار سماج جون نشانيون، جيڪو نہ رڳو ٽوٽ ڪري رهيو آهي، پر ضرورت کان وڌيڪ پچڻ سبب ڳرڻ ۽ سڙڻ بہ لڳو آهي. ان جو زوال اٽڪر آهي ۽ جنهن کان ڪنهن بہ صورت بچي نٿو سگهجي. پر ان جو مطلب اهو بہ ناهي تہ سرمائيدارطبقو عارضي طور تي بحران کي ٽارڻ يا ان جي اثرن کي گهٽائڻ جي اهل ناهي رهيو. پر اهڙيون سيئي تدبيرون فقط نوان تضاد پيدا ڪن ٿيون، جيڪي برداشت جوڳا ئي ناهن .

2008ع جو مالي بحران تمام وڏو غير معمولي واقعو هو. حقيقت اها آهي تہ عالمي سرمائيداري ڪڏهن بہ ان جهٽڪي مان پاڻ سنڀالي نه سگهي آهي. ڍاڪن کان بورجوا اقتصاديات جا ماهر چون پيا

تہ منديءَ جا "مضبوط هٿ" سيئي مسئلا حل ڪري ڇڏيندا، حڪومت کي معاشي معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت ناهي. پر پوءِ سيني ڏٺو تہ ڪيئن منديون تباهہ ٿي ويون ۽ رياست وڏي پيماني تي مداخلت ڪري انهن کي بچايو. انهيءَ بحران ۾ حڪومتن ۽ مرڪزي بينڪن نظام کي بچائڻ لاءِ تمام گهڻو سرمايو لڳائي ان کي مڪمل تباهيءَ کان بچايو.

سرمائيدار طبقو وقتي طور تي نظام کي بچائڻ ۾ ڪامياب تہ ٿي ويو، پر ايئن ڪرڻ لاءِ نظام کي ان جي فطري حدن کان ٻاهر نڪرڻو پيو. حڪومتن ايڏي دولت خرچ ڪئي جيڪا اصل ۾ انهن وٽ هئي بہ ڪونه. اهو ئي ساڳيو چريائپ وارو عمل ڪرونا وبا جي وقت به ڪيو ويو.

انهن غيرمعمولي عملن جو لازمي نتيجو تمام گهڻي مهنگائي، حڪومتي، ڪاروباري ۽ گهريلو قرضن جو هڪ وڏو پهاڙ هو جنهن حڪومتن کي روڪ (Brake) لڳائڻ تي مجبور ڪيو. هاڻي انهيءَ سموري عمل موٽ کائڻ شروع ڪئي آهي . انتهائي گهٽ وياج جي شرح، سستا قرض هاڻي ماضيءَ جو قصو بڻجي ويا آهن. جيڪڏهن اهڙو ڪو دور واپس وريو تہ بہ ويجهي مستقبل ۾ ان جو ڪوبہ امڪان ڪونهي.

عالمي معيشت جي صورتحال هڪ خوفناڪ طوفان جو منظر پيش ڪري پئي، جنهن ۾ هر جُز ٻئي کي ڏڪيندي تيزيءَ سان زوال ڏانهن وڏي رهيو آهي. دنيا بي پناهہ غير يقينيءَ واري مستقبل ۾ داخل ٿي رهي آهي جنهن جي نتيجو وڏي پئماني تي جنگيون، معاشي ڏيوالپڻو ۽ غربت ۾ اضافو آهي.

ايستائين جو امير ترين ملڪن ۾ وڌندڙ مهنگائي، اجرتن ۾ گهٽتائي قوت خريد کي اڌوهي جيان ڪائي چٽ ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته صحت ۽ تعليم جهڙين عوامي خدمتن ۾ تمام گهٽي ڪٽوتين سبب انهن کي عوام جي پهچ کان ئي پري ڪري ڇڏيو آهي.

اهي سيئي قدم سڌو سنئون پورهيت طبقي ۽ وچولي طبقي جي زندگيءَ جي معيار تي حملو آهن. اهي سيئي عمل بحران کي وڌائڻ جو ڪارڻ بڻجي رهيا آهن. معاشي بحران کي حل ڪرڻ لاءِ سرمائيدار طبقي جون سموريون ڪوششون وڌيڪ سماجي ۽ سياسي بحرانن کي جنم ڏئي رهيون آهن. سرمائيدار طبقو هڪ اهڙي ڄار ۾ ڦاسي پيو آهي جتان نڪرڻ جو ڪوبه رستو ناهي. هاڻوڪي صورتحال کي سمجهڻ لاءِ اها اهم ڪنجي آهي.

لينن گهڻو اڳ اهو واضح ڪري ڇڏيو هو ته سرمائيداريءَ جو ڪو به بحران آخري ناهي هوندو. انساني هڏين تي ئي سهي هي نظام پنهنجو پاڻ کي بچائڻ ۾ ايستائين ڪامياب ٿي سگهي ٿو، جيستائين ان کي پاڙان اکوڙي ختم نه ڪيو وڃي.

## عالمگيريت جون حدون

سرمائيداري بحران جا به مکيه سبب آهن. هڪ آهي پيداواري وسيلن جي ذاتي ملڪيت ۽ ٻيو آهي قومي منڊيءَ جون ساهه ٻوساٽيندڙ حدون، جيڪي سرمائيداريءَ جي تخليق ڪيل پيداواري قوتن جي لاءِ نهايت ئي تنگ آهن.

هڪ عرصي تائين سرمائيدار طبقو عالمي واپار ۽ عالمي محنت جي ورڇ کي هٿي ڏيندي ”عالمگيريت“ ذريعي قومي منڊين جي قائدن ۽ حدن کي ڪنهن حد تائين اورانگهيندو رهيو آهي. سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ چين، روس ۽ هندستان جي عالمي سرمائيدار منڊيءَ ۾ شموليت ان عمل کي زور وٺرايو. اهو ئي بنيادي سبب هيو جو سرمائيداري نظام گذريل ڪجھ ڏهاڪن ۾ بحران کان بچڻ ۽ وڏيڪ اُسرڻ جي قابل ٿيو.

ماضي جي ڪيميا دانن، جن کي يقين هو ته انهن ڪنهن به ڌاتوءَ کي سون ۾ تبديل ڪرڻ جو ڳجهو طريقو ڳولي لڌو آهي. ساڳيءَ ريت بورجوا اقتصاديات جي ماهرن جو به خيال هو ته انهن سرمائيداريءَ جي سڀني مسئلن جو حل ڳولهي ورتو آهي. هاڻي اهي سڀئي غلط فهميون ۽ وڏاءُ سڪل پنن جيان هوا ۾ اڏامي ويا آهن. ظاهر آهي ته عالمگيريت جو عمل پنهنجي حدن تي پهچي هاڻي موٽ کائڻ لڳو آهي. معاشي قومپرستي ۽ حفاظتي پاليسيون اڄ جي دور جا حاوي لاڙا آهن. ياد رهي ته هي اهي ئي لاڙا آهن جن 1930ع واري ڏهاڪي جي معاشي بحران کي هڪ خوفناڪ ٽوڙ ڦوڙ ۾ بدلائي ڇڏيو هو.

اها سموري صورتحال هڪ فيصلائتي تبديلي آهي ۽ ان جو لازمي نتيجو بين الاقوامي لاڳاپن ۾ وڌندڙ تضاد، جنگين ۽ حفاظتي پاليسين جي شدت جي صورت ۾ نڪري رهيو آهي. اهو سڀ ڪجھ آمريڪي سامراج جي انهيءَ واويلا ”سڀ کان پهرين آمريڪا “ واري نعري مان ظاهر آهي جنهن جو ڇٽو مقصد اهو ئي آهي ته باقي دنيا ٻڏي وڃي مري ۽ ان جو نتيجو وڏيڪ تضاد ۽ واپاري جنگين جي صورت ۾ ئي نڪري سگهي ٿو.

# اڻ کٽندڙ وحشت

بحران معاشي، مالي، سماجي، سياسي، سفارتي، فوجي، هر شعبي ۾ عدم استحڪام جي صورت ۾ ظاهر ٿي رهيو آهي. سامراجي وياج خورن جي چنبي ۾ ڦاٿل غريب ملڪن ۾، آباديءَ جي هڪ وڏي اڪثريت بک وگهي اذيتناڪ موت کي منهن ڏئي رهي آهي. گڏيل قومن جي هڪ اندازي مطابق جون 2023ع ۾ سڄي دنيا ۾ جنگين، ڏڪار ۽ موسمياتي تبديلين سبب بي گهر ٿيندڙ ماڻهن جو انگ 110 ملين هو، جيڪو ڪورونا جي وبا کان اڳ واري دور جي مقابلي ۾ تمام گهڻو آهي، اهو انگ غزه تي اسرائيل جي حملي کان اڳ جو آهي.

انهن وحشتن کان بچڻ لاءِ ماڻهن جو وڏو انگ پناهگيرن جي صورت ۾ آمريڪا ۽ يورپ ڏانهن لڏپلاڻ ڪري رهيو آهي. جيڪي لڏپلاڻ لاءِ رومي سمنڊ يا وري ريس گراندي جي خطرناڪ سفر تي روانا ٿين ٿا، جن کي رستي ۾ تمام گهڻي ذلت ۽ بدسلوڪيءَ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. هر سال هزارين ماڻهو انهيءَ ڪوشش ۾ بي موت ماريا وڃن ٿا .

اهي سڀ سامراج ۽ نالي ماتر آزاد منڊيءَ جي معيشت جي ڪارڻ پيدا ٿيندڙ معاشي ۽ سماجي زوال جي خوفناڪ حالتن جو نتيجو آهن. سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ آمريڪا ڪجهه وقت لاءِ دنيا جو اڪيلو سپر پاور بڻجي ويو. بي پناهه قوت تمام گهڻي غرور کي پيدا ڪيو. آمريڪي سامراج پنهنجي معاشي ۽ فوجي طاقت ذريعي پوري دنيا تي پنهنجي مرضي مڙهي ڇڏي.

بلوان ۽ اڳوڻي سوويت يونين جي اثر هيٺ رهندڙ ٻين علائقن تي پنهنجي ڏاڍ قائم ڪرڻ ڪانپوءِ آمريڪا بنا ڪنهن جواز جي عراق تي حملو ڪيو، جنهن ۾ ڏهه لک کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا. افغانستان تي حملي جي به اهڙي ئي خوني ڪهاڻي آهي. ڪنهن جي پوريءَ ريت ڄاڻ ناهي ته هن بدقسمت ڌرتيءَ تي ڪيترن انسانن جو قتلِ عام ڪيو ويو.

شام ۾ آمريڪي طاقت جو پاندو قاتي پيو، جتي ايران ۽ روس مداخلت جي نتيجي ۾ آمريڪا کي شڪست کائڻي پئي ۽ اهو هڪ غير معمولي تبديليءَ جو اظهار هو. ان کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين آمريڪي سامراج کي هڪ کان پوءِ ٻئي محاذ تي زبردست ذلت ۽ شڪست جو منهن ڏسڻو پيو آهي. اها صورتحال سرمائيداراڻي نظام جي عالمي بحران جو چٽو ثبوت آهي. اڻويهين صديءَ ۾ برطانوي سلطنت دنيا ۾ حاوي قوت هجڻ سبب بي پناهه دولت ميڙي، پر هاڻي اهو سڀ ڪجهه پنهنجي اُبتڙ ۾ موٽ کائي رهيو آهي.

سرمائيداريءَ جو بحران ۽ مختلف ملڪن جي وچ ۾ وڌندڙ تضاد دنيا کي انتهائي خطرناڪ هنڌ ٻڌائي رهيا آهن. دنيا تي حڪومت ڪرڻ هاڻي تمام ڏکيو ۽ مهانگو ڪم بڻجي ويو آهي، چاڪاڻ ته هر طرف جنگيون ۽ مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن، جڏهن ته پراڻا اتحادي سامراجي آقا جي ڪمزوريءَ کي محسوس ڪندي اڳتي وڌندي نافرمانيءَ تي لهي پيا آهن.

آمريڪي سامراج اڄ به دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ طاقتور ۽ رجعت پسند قوت آهي. ان جو فوجي خرچ انهيءَ ترتيب ۾ ايندڙ ڏهن ملڪن

جي گڏيل فوجي بجيٽ جي برابر آهي. پر ان جي باوجود هاٿي اهو دنيا جي ڪنهن ٻه خطي ۾ پنهنجي مرضيءَ مطابق فيصلائتي طور تي جنگ مڙهڻ جي قابل ناهي رهيو.

غزه ۾ ٿيندڙ ظلم آمريڪي سامراج جي بربريت ۽ قابل نفرت منافقي پوري دنيا جي سامهون بي نقاب ٿي چڪي آهي. هو اسرائيلي رياست جي هر وحشت ۽ ڏوهه ۾ برابر جو شريڪ آهي. آمريڪي حڪمران طبقي جي حمايت کان سواءِ اسرائيل غزه جي معصوم عوام تي هڪ ڏينهن لاءِ به اها خوني جنگ مڙهي نه سگهي ها. پر واشنگٽن هڪ طرف غزه ۾ بيگناهه ماڻهن جي قتل عام تي واڳونءَ وارا ڳوڙها ڳاڙهي رهيو آهي ته ٻئي طرف نيتن ياهو نالي ڪاسائيءَ ڏانهن پئسن ۽ هٿيارن جا ڍير موڪلي رهيو آهي.

سڀ کان وڌيڪ تعجب جي ڳالهه اها آهي ته آمريڪا اسرائيلي رياست کي پنهنجي سامراجي مفادن موجب فيصلا ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ويو آهي. هن گهٽوئي ڏور ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪٺ پتلي پنهنجي مرضيءَ موجب نچندو رهيو. اها ڳالهه رڳو وچ اوڀر ۾ نه، پر هر هنڌ آمريڪي طاقت جي عمومي زوال کي ظاهر ڪري ٿي.

هڪ قوم جي حڪمراني ٻين تي مڙهڻ جي صلاحيت لاڳاپيل نه پر نسبتي هوندي آهي. حالتون ڪڏهن به هڪجهڙيون ناهن هونديون پر اهي هميشه بدلجنديون رهنديون آهن. تاريخ ٻڌائي ٿي ته ماضيءَ جي پنتي پيل ۽ محڪوم قومن جڏهن اقتدار تي قبضو ڪيو ته جارحيت جو رستو اختيار ڪندي ڪئينءَ پنهنجي پاڙيسرين کي ڦرڻ ۽ لٽڻ جي ڪوشش ڪيائون.

اڄ، ترڪي، وچ اوڀر ۾ هڪ وڏي طاقت بڻجي چڪو آهي. جيڪا هڪ علائقائي سامراجي طاقت آهي. جڏهن ته سرمائيداراڻي نظام اختيار ڪرڻ بعد روس ۽ چين عالمي سامراجي طاقتون بڻجي ويا آهن جنهن ڪارڻ انهن جو آمريڪي سامراج سان سڌو سنئون ٽڪراءُ ٿي رهيو آهي.

جيتوڻيڪ چين ۽ روس اڃا تائين معاشي ۽ فوجي طاقت جي لحاظ کان آمريڪا جي برابر نه ٿيا آهن، پر اهي ايترا طاقتور حريف ضرور بڻجي ويا آهن جو هو واشنگٽن سان منڊيون، واسطا، ڪچو مال ۽ منافعو شيئر ڪن ٿا. يوڪرين ۽ غزه ۾ جنگين سبب آمريڪي سامراجي طاقت جون حدون پوري دنيا تي پڌريون ٿي چڪيون آهن.

جيڪڏهن موجوده دور جا تضاد ماضيءَ ۾ موجود هجن ها ته وڏين عالمي طاقتن جي وچ ۾ وڏي جنگ لڳي وڃي ها، پر بدليل معروضي حقيقتون، گهٽ ۾ گهٽ هن وقت تائين، اهڙي ڳالهه کي رد ڪن ٿيون. سرمائيدار طبقو حب الوطني، جمهوريت ۽ بين اهڙن اعليٰ اصولن خاطر جنگ نه ٿو ڪري. پر اهي منافعي لاءِ وڙهندا آهن، پرڏيهي منڊين تي قبضو، ڪچي مال جي حاصلات ۽ تعلقات ۽ پهچ وڌائڻ چاهين ٿا.

ڇا اهو بلڪل واضع ناهي ته ايٽمي جنگ جي نتيجي ۾ سيني ڌرين لاءِ مڪمل تباهيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به حاصل نه ٿيندو؟ سامراجين اهڙي صورتحال لاءِ ”ٻه طرفي يقيني تباهيءَ“ جهڙو اصطلاح جوڙي رکيو آهي. عالمي سامراجي طاقتن جي وچ ۾ کليل جنگ کي

روڪڻ ۾ هڪ ٻيو عنصر بہ اهم آهي ۽ اهو آهي عوامي سطح تي جنگ جي سخت مخالفت، خاص طور تي آمريڪا ۾ (پر ٻين ملڪن ۾ پڻ). هڪ تازي سروي موجب آمريڪي آباديءَ جو فقط پنج سيڪڙو يوڪرين ۾ سڌي فوجي مداخلت جي حمايت ڪئي.

عراق، شام ۽ افغانستان ۾ آمريڪا کي شرمناڪ شڪستن ۾ ڪا بہ حيرت جي ڳالهہ ناهي. اهو سڀ ڪجهہ آمريڪا ۾ عوامي شعور جو حصو بڻجي چڪو آهي. ساڳئي وقت، اهو خوف آهي تہ روس سان سڌو سنئون ٽڪراء جلد ئي ايٽمي جنگ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو، جا به هڪ ڪُلي جنگ جي رستي ۾ وڏي رڪاوٽ آهي.

جيتوٽيڪ موجوده صورتحال ۾ عالمي جنگ جو ڪو بہ امڪان ناهي، پر يوڪرين جهڙيون ڪيتريون ئي ننڍيون ۽ پراڪسي جنگيون وڙهيون وينديون. هن سموري جنگ جا عالمي صورتحال تي تمام گهڻا اثر پوندا. اهو عالمي انتشار کي وڌائيندو. غزه جي موجوده جنگ مان سڀ ڪجهہ واضح ٿي چڪو آهي.

اهو نظام بني نوع انسان کي ذلت، غربت، بيماري، جنگين ۽ تباهيءَ تي مشتمل مستقبل ڏئي سگهي ٿو، لينن جي لفظن ۾ سرمائيداري هڪ نہ ختم ٿيندڙ وحشت آهي.

## بورجوا جمهوريت جو بحران

ايندڙ وقت ۾ معاشي صورتحال ٻي عالمي جنگ کانپوءِ واري دور جي بدران 1930ع جي ڏهاڪي واري صورتحال سان ڪافي ملندڙ

جلندڙ هوندي. تنهنڪري سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا بورجوا جمهوريت ان صورتحال ۾ پاڻ کي بچائي سگهندي؟

حقيقت ۾ بورجوا جمهوريت چند امير ملڪن جي قبضي هيٺ آهي، جتي پورهيت طبقي کي ڪجهه رعايتون ڏئي طبقاتي جنگ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اهي مادي بنياد هئا جن تي آمريڪا ۽ برطانيه جهڙن ملڪن ۾ اها نام نهاد جمهوريت ڏهاڪن تائين قائم رکي وئي. ريپبلڪن ۽ ڊيموڪريٽس، ٽوريز ۽ ليبر پارٽي بنا ڪنهن بنيادي فرق جي واري واري سان اقتدار ۾ ايندا رهندا هئا.

حقيقت اها آهي ته سرمائيداراڻي جمهوريت رڳو هڪ مسڪرائيندڙ بهروپ آهي، هڪ پردو آهي جنهنجي پويان بينڪن ۽ وڏين ڪمپنين جي آمريت لڪيل آهي. جيئن جيئن بحران جو شڪار حڪمران طبقو عوام کي چند رعايتون ڏيڻ جي صلاحيت وڃائي رهيو آهي، تيئن تيئن اهو نقاب لهندو پيو وڃي ۽ سرمائي جي آمريت جو ظالم چهرو چٽو ٿي رهيو آهي.

ڇيو ويو ته آزاد منڊي جمهوريت جي ضمانت ڏئي ٿي. حقيقت ۾ سرمائيداري ۽ جمهوريت هڪ ٻئي جو تضاد آهن. سرمائي جا پاليسي ساز هاڻي کلي عام بورجوا جمهوريت ۽ بذات خود سرمائيداراڻي نظام جي بقا بابت سوال ڪن پيا.

سرمائيداراڻي نظام ۾ هر شهري لاءِ هڪجهڙا موقعا جي اڪثر ٻڌائي ويندڙ پراڻي ڪهاڻي هاڻي بي پناهه دولت ۽ انتهائي غربت جي ٻن ڇيڙن،بيروزگاري، اجهي کان محروم غريبن جي سامهون پنهنجي دولت

جي شرمناڪ نمائش سبب دم ٽوڙي چڪي آهي، ايستائين جو امير ملڪن ۾ به اهائي صورتحال آهي.

وڏندڙ معاشي بحران نہ رڳو پورهيت طبقي پر وچولي طبقي جي ڪيترن ئي پرتن کي بہ متاثر ڪري رهيو آهي. معاشي لوڏا، زندگي جي معيار جو گهٽجڻ، وڏندڙ مهانگائي ۽ وياج جي وڏندڙ شرح ننڍن واپارين کي بلڪل تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. وڏن وڏن اميرن ۽ انهن جي چند ساٿين کان سواءِ پوري سماج ۾ بي چيني، عدم تحفظ ۽ مستقبل جو خوف گهر ڪري چڪو آهي. نظام جو جواز سيني جي لاءِ خوشحاليءَ جي امڪان تي قائم هو. پر سرمايو صرف چند ارب پتي، وڏين بينڪن ۽ ڪمپنين جي هٿن ۾ جمع ٿي ويو آهي.

اسان وٽ جمهوريت جي نالي تي چند وڏيرن ۽ اميرن جي حڪومت آهي. هرڪو ڄاڻي ٿو تہ دولت اقتدار خريد ڪري وٺندي آهي. جمهوريت جو مطلب آهي هڪ شهري، هڪ ووٽ، پر سرمائيداري نظام ۾ جمهوريت جو مطلب آهي هڪ ڊالر، هڪ ووٽ. ڪجهہ بلين ڊالر خرچ ڪرڻ سان توهان وائيٽ هائوس جا رهواسي بڻجي وڃو ٿا

اها حقيقت هاڻي وڌ کان وڌ ماڻهن تي واضع ٿي رهي آهي. عوام موجوده سياست کان بلڪل ويڳاڻي آهي ۽ حڪمران اشرافيہ ۽ ان جي سمورن ادارن کان نفرت ڪري ٿي. پارليماني طريقي جي حڪومت جا بنياد ئي لڏي ويا آهن. چونديل ادارا رڳو اوطاقون بڻجي ويا آهن، جڏهن تہ حقيقي اقتدار پارليامينٽ جي هٿن مان نڪري غير چونديل عهديدارن ۽ صلاحڪارن جي هٿن ۾ اچي ويو آهي.

اهو نسورو کوڙ تہ پوليس ۽ عدالتون آزاد هونديون آهن هاڻي سيني جي سامهون پڌرو ٿي چڪو آهي. جيئن جيئن طبقاتي ويڙهہ تيز ٿيندي ويندي، تيئن تيئن اهي ادارا وڌيڪ اگهاڙا ٿيندا ۽ انهن جي ٿوري گهڻي عزت بہ مٽيءَ ۾ ملي ويندي. آخرڪار سرمائيدار طبقو ان نتيجي تي پهچندو تہ افراتفري، احتجاج، مظاهرا، هڙتالون تمام گهڻو وڌي ويا آهن ۽ هو سختيءَ سان "امن و امان" جو مطالبو ڪندا. اسان پهرين بہ احتجاج جو حق،هڙتال ڪرڻ، لکڻ ۽ تقرير جي آزادي ۽ ٻين جمهوري حقن تي پابنديون لڳندي ڏسون پيا.

اهو ممڪن آهي تہ ڪنهن بہ موڙ تي سرمائيدار طبقو سماج تي ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ سماج تي ڪلي آمريت مڙهڻ جي ڪوشش ڪري. پر اهو امڪان تڏهن ئي حقيقت بڻجي سگهي ٿو جڏهن پورهيت طبقو پهرين لاڳيتو هڪ ٻئي پٺيان شڪست کائيندو اچي، جيئن جرمني ۾ پهرين عالمي جنگ کان پوءِ ٿيو.

پر ان کان اڳ، پورهيت طبقي وٽ بيشمار موقعا ايندا تہ اهي سرمائيدار طبقي جي خلاف پنهنجي طاقت کي آزمائين ۽ اقتدار تي قبضو ڪرڻ لاءِ اڳتي اچن.

## ڇا فاشزم اچي سگهي ٿو؟

دنيا جي سطحي نام نهاد کابي ڌر ٽرمپ جي عروج کي فاشزم طور ڏسي ٿي. اهڙي گستاخيءَ واري سوچ ڪڏهن بہ اسان کي اهم واقعن جي حقيقي اهميت کي سمجهڻ ۾ مدد نٿي ڪري سگهي. اهو احمقاڻو رويو ڪين فوري طور طبقاتي سمجهوتي جي بنياد تي سياست ڏانهن وني وڃي ٿو. نندي برائيءَ جي گمراهيءَ واري نظريي تحت، اهي

پورهيت طبقي ۽ ان جي تنظيمن کي بورجوازيءَ جي هڪ رجعتي گروهہ سان گڏ ٻئي رجعتي گروهہ جي خلاف متحد ٿيڻ لاءِ اڀارين ٿا.

ان گمراهيءَ واري پاليسيءَ تحت، هنن ماڻهن کي قائل ڪيو تہ هو جوبائيڊن ۽ ڊيموڪريٽس کي ووٽ ڏين ۽ اڄ ڪيترائي ماڻهو ان ووٽ ڏيڻ جي ڪري انتهائي افسوس ۾ ورتل آهن. هن نام نهاد ڪاٻي ڌر جي مسلسل فاشزم جي نعري جو هڪ نقصان اهو ٿيندو تہ جيڪڏهن پورهيت طبقي کي مستقبل ۾ حقيقي فاشسٽ خطري کي منهن ڏيڻو پيو تہ هُو ان لاءِ مڪمل طور تي تيار نہ هوندو. پر هن وقت اهو چوڻ مناسب ٿيندو تہ اهي ماڻهو معروضي حقيقتن کان اڻواقف آهن .

دنيا ۾ ڪاٻي ڌر جا ڪيترائي سياستدان آهن ۽ انهن مان ڪيترائي اقتدار ۾ بہ اچن ٿا. پر ان جو مطلب اهو ناهي تہ هڪ فاشسٽ حڪومت قائم ڪئي وڃي جنهن جو بڻ بنياد هڪ ناراض ۽ چڙوچڙ پيٽي بورجوازيءَ تي هجي تہ جيئن پورهيت طبقي جي تنظيمن کي طاقت جي زور تي دٻايو وڃي .

1930ع واري ڏهاڪي ۾ تضاد تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهيا هئا ۽ ان جي نتيجي ۾ يا ته پرولتاريہ جي فتح ٿئي يا وري فاشزم يا بوناپارٽزم جي فتح جي شڪل ۾ نڪري سگهيو پئي. پر حڪمران طبقي بہ ماضيءَ ۾ فاشزم جي حمايت ڪري پنهنجا هٿ ساڙيا آهن. اهي آسانيءَ سان ان رستي تي هلڻ لاءِ قائل ٿي نه سگهندا.

وڏيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته اڄ جي طبقاتي قوتن جو توازن 1930ع جي ڏهاڪي کان بلڪل مختلف آهي. رجعت جون سماجي بنيادون انتهائي محدود ٿي ويون آهن ۽ سماج ۾ پورهيت طبقي جو وزن پوئين دؤر جي مقابلي ۾ تمام گهڻو وڌي ويو آهي. اهو سڀ ڪجهه فاشزم جي ڪنهن به فوري اڀار جي راهه ۾ تمام وڏي رڪاوٽ آهي.

ترقي يافته سرمائيدار ملڪن ۾ هارين جو تعداد تمام ٿورڙو وڃي بچيو آهي، جڏهن ته ماضيءَ ۾ پاڻ کي مڊل ڪلاس سڏرائيندڙ طبقو (جهڙوڪ ڊاڪٽر، نرسون، پروفيسر، ماهر مزدور، انجنيئر وغيره) اڄ پورهيت طبقي جي ويجهو آهن ۽ يونين جي صورت ۾ منظم ٿي رهيا آهن.

شاگرد، جيڪي 1920ع ۽ 1930ع واري ڏهاڪي ۾ فاشزم جا اڳواڻ هئا، اڄ واضح طور تي کاٻي ڌر ڏانهن جهڪاءُ رکن ٿا ۽ انقلابي خيالن جي ڳولا ۾ آهن. ڪيترن ئي ملڪن ۾ پورهيت طبقي کي ڏهاڪن ۾ ڪا ڳڻپ جوڳي شڪست نه آئي آهي ۽ ان جي طاقت برقرار آهي.

ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته بورجوازي پنهنجي تاريخ جي سڀ کان وڏيڪ خوفناڪ بحران کي منهن ڏئي رهي آهي، پر ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ اڄ جي پورهيت طبقي جي تمام وڏي تعداد جي ڪري اهي تڪڙو رجعتي خيال مڙهڻ جي قابل ناهين. ان جو مطلب ته جڏهن حڪمران طبقو مزدورن کان اڳي ڏنل مراعتون واپس وٺڻ جي ڪوشش ڪندو ته ان کي سخت مزاحمت کي منهن ڏيڻو پوندو. پر بحران جي شدت مزدور طبقي تي سخت حملن جي گُهر ڪري ٿي ۽ حڪمران طبقي کي ائين

ئي ڪرڻو پوندو. پر ان جي نتيجي ۾ هڪ ڪانپوءِ ٻئي ملڪ ۾ تمام وڏا سماجي ڌماڪا ٿيندا.

## ماحولياتي تباهي

معاشي بحران ۽ مسلسل جنگين سان گڏ، انسانيت جو مستقبل پڻ هن سَياري تي سرمائيداريءَ جي مسلسل ڌاڙ جي ڪري سخت خطري ۾ آهي. منافعي جي انڌي لالچ ۾، سرمائيداريءَ ان هوا کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ اسان ساهه کڻون ٿا، کاڌو جيڪو اسان کائون ٿا ۽ پاڻي جيڪو اسان پيئون ٿا اهو زهريلو ٿي ويو آهي .

اها اميزون (Amazon) جي ٻيلن کان وٺي پولر گليشيئرن تائين هر شيءِ کي تباهه ڪري رهي آهي. دنيا جا سمنڊ صنعتي گدلاڻ ۽ پلاسٽڪ جي ڪچري سان ڀرجي ويا آهن. جانورن جا ڪيترائي قسم تيزيءَ سان ختم ٿي رهيا آهن. بيشمار قومن جو مستقبل داءُ تي لڳل آهي.

پورهيت طبقو ۽ سماج جو غريب ترين طبقو ان آلودگي ۽ ماحولياتي تباهيءَ جي ڪري سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿي رهيو آهي. پر ظلم اهو آهي ته سرمائيداريءَ جي پيدا ڪيل هن ماحولياتي بحران جي قيمت به حڪمران طبقو مزدور طبقي کان وصول ڪرڻ چاهي ٿو.

مارڪس وضاحت ڪئي هئي ته انسانيت آڏو ٻه رستا آهن، سوشلزم يا بربريت. بربريت جا ڪارندا اڳي ئي هن سماج ۾ موجود آهن، جيتوڻيڪ سڀ کان وڌيڪ ترقي يافته ملڪن ۾ به اهي تهذيب لاء تمام

وڏو خطرو آهن. اسان اهو چوڻ ڪان نہ ڪيٻائيندا سين تہ سرمائيداري نظام انسان ذات جي بقا لاءِ خطرو بڻجي چڪو آهي .

اهي سيئي شيون ماڻهن خاص ڪري نوجوانن جي ضمير ڪي جنجهوڙي رهيون آهن. پر فقط اخلاقي بنيادن تي تنقيد ۽ ڪاوڙ سان پريل احتجاجن سان ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيندو. جيڪڏهن ماحولياتي تحريڪ پنهنجو پاڻ ڪي فقط ڪوڪلن نعرن تائين محدود رکندي تہ پوءِ جلدي هن جو خصي پڻو عوام جي سامهون اچي ويندو.

ماحول پرست اصل مرض جي علامتن جي تہ صحيح نشاندهي ڪن ٿا پر انهن جي تشخيص صحيح نہ آهي ۽ بغير تشخيص جي علاج ممڪن ئي ناهي. ماحولياتي تحريڪ فقط ان صورت ۾ پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿي جڏهن اهو چٽي نموني سرمائيداري مخالف انقلابي مؤقف اختيار ڪري.

ان معاملي ۾ اسان ڪي اها ڪوشش ڪرڻ ڪپي تہ جيڪي بهترين عنصر آهن انهن تائين پهچي ڪين يقين ڏياريون تہ اصل مسئلو آهي ئي سرمائيداراي نظام جو. ماحولياتي تباهي اصل ۾ منڊيءَ جي معيشت جي چريائپ ۽ وڌيڪ منافعي جي اڻ کُٽ خواهش جو نتيجو آهي.

نام نهاد آزاد منڊيءَ جي معيشت وٽ انسانيت جي موجوده ڪنهن بہ مسئلي جو حل ناهي. بي پناه زيان جو باعث بڻجندڙ معيشت تباهيءَ سان پريل ۽ غير انساني آهي، جنهن جي بنياد تي ڪابہ بهتري ڪري نٿي سگهجي. سيني مسئلن جو واحد حل منصوبابند معيشت آهي.

بينڪن ۽ سرمائيدارن جي خانگي ملڪيت کي ختم ڪري ۽ منديءَ جي معيشت واري انتشار بدران عقلي بنيادن تي جُڙت واري منصوبابند معيشت کي رائج ڪيو وڃي. سرمائيداري نظام فنا جي ڪناري تي بيٺل هڪ وحشي درندي جيان آهي، جيڪو پنهنجي وجود جا سمورا ارتقائي جواز وڃائي وينو آهي. پر ان جو مطلب اهو هرگز ناهي تہ ان کي پنهنجي تاريخي طور رد ٿيڻ جو احساس آهي، حقيقت بلڪل ان جي ابتڙ آهي.

هي بيمار ۽ زوال پذير نظام هڪ پوڙهي بيمار ماڻهوءَ وانگر آهي، جيڪو هر قيمت تي زندگيءَ کي چنبڙيو پيو هوندو آهي. اهو تيستائين گهلبو وتندو جيستائين پورهيت طبقو ان کي انقلابي تحريڪ ذريعي پاڙان پٽي ڦٽو نٽو ڪري .

اهو مزدور طبقي جو فرض آهي تہ هن بيمار سرمائيداراڻي نظام کي انقلاب جي ذريعي ختم ڪري ۽ سماج کي مٿي کان هيٺ تائين نئين سر تعمير ڪري. سرمائيداريءَ جو وجود هاڻي ڌرتيءَ لاءِ هڪ واضح ۽ تباهيءَ وارو خطرو بڻجي چڪو آهي. انسانيت جي بقا لاءِ ان جو خاتمو ضروري ٿي پيو آهي.

## موضوعي عنصر

سرمائيداريءَ جي عام بحران مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ ان جو حتمي زوال لازمي آهي ۽ ان جو بچڻ ناممڪن آهي. اهڙيءَ طرح اهو بہ چئي سگهجي ٿو تہ سوشلزم جي فتح هڪ اٽل تاريخي حقيقت آهي. اهو عام طور تي صحيح آهي. پر انهيءَ عمومي موقف

سان حقيقي واقعن جي ڪا ٺوس وضاحت نٿي ڪري سگهجي.

جيڪڏهن اهو اٽٽر آهي تہ پوءِ انقلابي پارٽي، ٽريڊ يونين، هڙتالن، مظاهرن، نظرين وغيره جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ پر پوري تاريخ اسان کي ان جي ابتڙ ٻڌائي ٿي. تاريخ جون فيصلائتي گهڙين ۾ موضوعي عنصر، قيادت جو ڪردار تمام وڏي اهميت رکي ٿو. مارڪس وضاحت ڪئي هئي تہ تنظيم کان بغير پورهيت طبقو استحصالي قوتن جي لاءِ خام مال آهي. منظم ٿيڻ بغير اسان ڪجهہ بہ ناهيون، منظم ٿيڻ ڪانپوءِ اسان سڀ ڪجهہ آهيون.

هتي اسان مسئلي جي پاڙ تائين پهچي ويا آهيون. اصل مسئلو قيادت جي کوٽ آهي، يعني پورهيت طبقي جي قيادت جي مڪمل پستائيءَ جو. ڪنهن بہ تاريخي عمل ۾ جڙندڙ پورهيت طبقي جي وڏين تنظيمن کي نسبتن سرمائيداريءَ جي خوشحاليءَ وارن ڏهاڪن ۾ حڪمران طبقي ۽ پيٽي بورجوازيءَ جي دٻاءُ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. نتيجي ۾ انهن تنظيمن تي يونين اشرافيه جي جڪڙ مضبوط ٿي ويندي آهي.

سرمائيداريءَ جو بحران لازمي طور تي اصلاح پسنديءَ جو بحران بہ آهي. ساڄي ڌر طرف جهڪندڙ پورهيت اڳواڻ انهن نظرين کي ڇڏي چڪا آهن جن تي انهن جون تنظيمون ۽ تحريڪون جڙيون. اهي مڪمل طور تي ان طبقي کان ڪٽيل آهن جنهن جي نمائندگي ڪرڻ جي هو دعويٰ ڪن ٿا.

ماضيءَ ۾ ڪڏهن بہ پورهيت طبقي جي قيادت بورجوازيءَ ۾ ايتري ضم نہ ٿي هئي جيتري اڄ ٿيل آهي. آمريڪا ۾ سوشلسٽ

تحريڪ جي هڪ باني ڊينيئل ڊي ليون جا لفظ آهن، جنهن کي لينن بہ بار بار ورجائيندو هو. اِهي مزدور تحريڪ ۾ رڳو "سرمائي جا پنو" آهن. اهي حال يا مستقبل جي نه پر ماضيءَ جي نمائندگي ڪن ٿا. ايندڙ طوفاني دؤر ۾ انهن جو صفايو ٿي ويندو. پر مسئلو ساڄي ڌر جي سڌارڪن کان شروع ٿئي اتي ختم نٿو ٿئي.

## ڪاٻيءَ ڌُر جو ڏيوالپڻو

هر جاءِ تي ساڄيءَ ڌر ۽ بالادست قوتن آڏو جُهڪندي نام نهاد کاٻي ڌر تمام گهڻو زهريلو ڪردار ادا ڪيو آهي. اسان اهو سڀ ڪجهہ سائريزا، يونان ۾ ٿيندي ڏٺو آهي. اهو ئي سڀ ڪجهہ اسپين ۾ پوڊيموس، برطانيہ ۾ ڪوربن ۽ آمريڪا ۾ برني سينڊرز طرفان ڪيو ويو. اهڙيءَ هر صورتحال ۾ پهرين هنن کاٻي ڌر جي اڳواڻن، ماڻهن ۾ اميدون جاڳايون ۽ بعد ۾ ساڄي ڌر اڳيان گوڏا کوڙي انهن اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو .

انهن اڳواڻن تي ياڙيائپ ۽ ڪمزوريءَ جو الزام هڻڻ ڏاڍو آسان آهي، پر هتي معاملو انفرادي اخلاقيات ۽ ذاتي جرئت جو نه پر انتهائي هيٺئين درجي جي سياسي ڪمزوريءَ جو آهي. کاٻيءَ ڌر جي اصلاح پسندن جو سڀ کان بنيادي مسئلو اهو آهي تہ اهي سمجهن ٿا ته اهي سرمائيداريءَ کي ختم ڪرڻ کانسواءِ عوامي مطالبا پورا ڪري سگهن ٿا. ان سلسلي ۾ اهي ساڄي ڌر جي اصلاح پسندن کان بلڪل مختلف ناهن سواءِ ان جي تہ ساڄيءَ ڌر جي سڌارڪن پنهنجي سرمائي جي عبادت کي ناهي لڪايو.

هاٽي ته ڪابي ڌر سوشلزم جي ڳالهه ڪرڻ به ڇڏي ڏني آهي. اهي 1930ع جي اصلاح پسند اڳواڻن جو پاڇو به ناهن وڃي بچيا. ان جي ابتڙ اهي ڪمزور مطالبن جهڙوڪ بهترين معيارِ زندگيءَ ۽ چند جمهوري حقن تائين محدود آهن.

اهي هاٽي سرمائيداريءَ جو نالو بہ نہ وٺندا آهن، پر نيو لبرلزم کي ورجائيندا رهندا آهن. جنهن مان مراد سٺي سرمائيداريءَ جي بدران خراب سرمائيداري آهي جيتوڻيڪ اُهي ٻڌائڻ کان قاصر آهن ته سندن جي اها خيالي سٺي سرمائيداري ڪهڙي نظر ايندي؟

جيئن تہ ڪابي ڌر جا اصلاح پسند نظام جو تختو اونڌو ڪرڻ نٿا چاهين، ان ڪري اهي لازمي طور تي حڪمران طبقي سان ناهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هو مسلسل اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن تہ اهي نظام لاءِ ڪو بہ خطرو نہ آهن ۽ انهن کي حڪومت طرفان سرمائيداريءَ جي مفادن تي نظر رکڻ جي ذميواري ڏئي سگهجي ٿي.

اهو ئي ڪارڻ آهي جو اهي اتحاد قائم رکڻ کي جواز ٻڌائي ساڄي ڌر جيڪا مزدور تحريڪ ۾ حڪمران طبقي جي دلال آهي، ان سان بہ تعلق ٽوڙڻ لاءِ تيار ناهي . جنهن جو آخري نتيجو هميشہ سندن ساڄي ونگ اڳيان سجدو ڪرڻ جي صورت ۾ ئي نڪري ٿو. پر جڏهن ساڄي ڌر اقتدار ۾ اچي ٿي تہ هو ڪابي ڌر تي بنا ڪنهن جهجهڪ جي وحشياڻا حملا ڪري ٿي. تنهنڪري هتي پاڙيائپ ڪنهن اڳواڻ جي ذاتي ڪردار جي ڪمزوريءَ جو مسئلو ناهي اها پر ڪابي ڌر جي اصلاح پسنديءَ جي خمير ۾ شامل آهي.

# جبر جي خلاف جدوجهد

سرمائيداريءَ جو بحران موجوده سماج، ان جي قدرن، ان جي اخلاقيات، ان جي ناقابل برداشت ناانصافين ۽ جبر جي خلاف سخت نفرت ۽ مخالفت جي صورت ۾ پاڻ کي ظاهر ڪري رهيو آهي. سماج جو بنيادي تضاد بيشڪ سرمائي ۽ اُجرتي مزدوري جو تضاد آهي. پر ظلم جا مختلف روپ ٿيندا آهن ۽ انهن مان ڪي روپ ته غلاميءَ جي دور کان به پراڻا آهن.

ظلم جي سڀ کان عالمگير ۽ ڏکوئيندڙ شڪل پدرشاهي سماج ۾ عورتن تي ٿيندڙ ظلم آهي. بحران عورتن جي معاشي غلاميءَ کي وڌائي رهيو آهي. رياست جي سماجي خرچن ۾ ڪٽوتيون ٻارن ۽ ٻڍن جي سار سنڀال جي وڌندڙ ذميوارين جي صورت ۾ سڀ کان وڌيڪ عورتن کي متاثر ڪري رهيون آهن.

پوري دنيا ۾ عورتن تي تشدد وبائي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. حمل ڪيرائڻ جهڙا حق حملن هيٺ آهن. جنهن جو تمام وڏو ردِعمل به سامهون اچي پيو خاص طور تي نوجوان عورتون جدوجهد ڪرڻ لاءِ تيار آهن ان خوفناڪ جبر جي خلاف عورتن جي بغاوت سرمائيداريءَ جي خلاف جدوجهد ۾ اهم آهي. عورتن جي مڪمل شموليت کان سواءِ ڪامياب سوشلسٽ انقلاب جو تصور به ڏکيو آهي.

هر قسم جي جبر ۽ اڻبرابريءَ جي خلاف جدوجهد سرمائيداريءَ جي خلاف جنگ جو هڪ لازمي حصو آهي. اسان جو مؤقف بلڪل سادو آهي. اسان هر جنگ ۾ ظالم جي خلاف بيٺا آهيون ۽ مظلوم جي حمايت

ڪريون ٿا. پر هي عام جملو اسان جي پوزيشن جي مڪمل وضاحت نٿو ڪري. انهيءَ ۾ اهو اضافو ڪرڻ لازمي آهي ته اهڙين حالتن ۾ اسان جو مؤقف لازمي طور تي منفي هوندو آهي .

جنهن جو مطلب اهوئي آهي تہ اسان جبر جي هر شڪل ۽ هر قسم جي مخالفت ڪريون ٿا، چاهي ان جو نشانو بڻجندڙ عورتون هجن يا وري ڪاري چمڙيءَ وارا هجن، هم جنس پرست هجن يا ٽرانسجينڊرز،  يا وري ڪو ٻيو گروهہ هجي.

پر ان سان گڏوگڏ اسان ڪنهن بہ گروهہ جي سڃاڻپ واري سياست کي سختيءَ سان رد ڪريون ٿا جيڪا حقن جي بچاءَ جي نالي ۾ رجعت پسند ۽ تقسيم ڪرڻ وارو ڪردار ادا ڪري ٿي. جيڪا نيٺ پورهيت طبقي کي ڪمزور ڪري حڪمران طبقي کي فائدو رسائي ٿي.

مزدور تحريڪ هر قسم جي اجنبي نظرين کان متاثر ٿي رهي آهي: پوسٽ ماڊرنزم، سڃاڻپ جي سياست، ”سياسي درستگي“ ۽ اهڙيون ٻيون بي مقصد ڳالهيون، جيڪي ”ڪابي ڌر“ جي پيٽي بورجوا عنصرن ذريعي يونيورسٽين مان مزدور تحريڪ ۾ اسمگل ڪيون وڃن ٿيون. اهي عنصر اجنبي ۽ رجعت پسند خيالن جي منتقلي لاءِ ٽرانسميشن بيلٽ جو ڪم ڪندا آهن .

سڃاڻپ جي سياست، جيڪا اصل ۾ پوسٽ ماڊرنزم جي ضمني پيداوار آهي، جيڪا شاگردن کي ذهني ويڳاڻپ جو شڪار بڻائي رهي آهي. انهن ڌارين خيالن کي مزدور تحريڪ ۾ به متعارف ڪرايو ويو آهي، جتي اهي يونين اشرافيه جي هٿن ۾ مزدورن جي ويڙهاڪ عنصرن جي خلاف بطور هٿيار استعمال ٿي رهيا آهن.

لينن ڪميونسٽن کي سيني محاذن تي وڙهڻ جي ضرورت ۽ اهميت تي زور ڏنو هو. فقط معاشي ۽ سياسي محاذن تي ئي نہ پر نظرياتي محاذن تي بہ. اسان مارڪسي نظريي ۽ جدلياتيماديت جي فلسفي جي انتهائي مضبوط بنيادن تي بيٺل آهيون.

اسان فلسفي جي خيال پرستيءَ واري نظريي جي مخالفت ڪريون ٿا، چاهي اهي مذهب جي صورت ۾ هجن يا جديديت پڄاڻان Post-modernisn جي "منٽي" زهريلي نظرين جي صورت ۾ هجن.

تنهنڪري انهن ڏارين مزدور دشمن نظرين ۽ انهن جي تشهير ڪندڙن پيٽي بورجوازيءَ جي خلاف جدوجهد وڏي اهميت رکي ٿي. ورچ پيدا ڪندڙ انهن رد انقلابي نظرين جو جيڪي "وڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" جي پراڻي اصول تحت سڌو سنئون مالڪن جي فائدي ۾ ويندو آهي، اهڙي ڪنهن بہ عمل کي ڪابہ رعايت نہ ٿي ڏئي سگهجي. حقيقت اها آهي تہ جيڪي نوجوان ڪميونزم ڏانهن رخ ڪري رهيا آهن، انهن ۾ اهڙين نظرين جي خلاف هڪ صحتمند ردعمل پيدا ٿي چڪو آهي.

ڪميونسٽ طبقاتي سياست جي مضبوط بنيادن تي بيٺا آهن ۽ رنگ، نسل، مذهب، فرقي، قوم مطلب تہ هر قسم جي ورهاڱي جي خلاف پورهيت طبقي جي طبقاتي اتحاد جو بغير ڪنهن مصلحت جي دفاع ڪن ٿا. اسان کي اهو مسئلو ناهي تہ توهان ڪارا آهيو يا اڇا، مرد يا عورت، ۽ نہ ئي اسان کي پري پري تائين توهان جي زندگيءَ جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ ڪا دلچسپي آهي نه وري ان ۾ ته توهان جو جيون

ساٿي ڪير آهي ۽ ڪير ناهي. اهي خالص ذاتي معاملا آهن ۽ ڪنهن ڪي به انهن سان ڪو واسطو نہ هئڻ گهرجي. بيوروڪريٽس، پادرين ۽ سياستدانن ڪي بہ نہ. اسان سان شامل ٿيڻ جي لاءِ فقط ان ڳالهہ جي ضرورت آهي تہ توهان هن مقصد خاطر وڙهڻ لاء تيار آهيو، جنهن جي حاصلات حقيقي آزادي، مرد ۽ عورت جي وچ ۾ حقيقي برابريءَ جي بنياد تي انساني رشتن وغيره کي ممڪن بڻائي سگهي ٿي. يعني پورهيت طبقي جي نجات جي مقدس مشن لاءِ جدوجهد ڪرڻ لاءِ تيار هجو.

پر ڪميونسٽن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ لازمي آهي توهان کي شناخت جي سياست جهڙي رجعتي بڪواس کان مڪمل طور تي ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو پوندو.

## ٽريڊ يونينز

موجوده دور سموري تاريخ ۾ سڀ کان وڌيڪ طوفاني ۽ ڌماڪن سان ڀريل دور آهي. وڏي پيماني تي طبقاتي جنگ جي بحاليءَ لاءِ حالتون پچي راس ٿي چڪيون آهن، پر اهو آسانيءَ سان نہ ٿيندو. پورهيت طبقو ڏکهي نند مان جاڳي پيو. هن کي ڪيترائي سبق ٻيهر سکڻا پوندا ٽريڊ يونينز ۾ منظم ٿيڻ جي ضرورت جهڙي سبق کي بہ کين ٻيهر سکڻو پوندو .

پر ٽريڊ يونينن کان وٺي سيني وڏين عوامي تنظيمن جون قيادتون زوال جو شڪار آهن. انهن ۾ پورهيت طبقي جي خواهشن ۽ ضرورتن مطابق جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ جي صلاحيت ناهي. اهي ٽريڊ

يونين کي وڏيڪ وڏائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ جهڙي عمل کان بہ وانجهيل آهن.

نتيجي ۾ روزگار جي غير يقيني صورتحال کي منهن ڏيندڙ ٻه چار نوجوان پورهيتن جي پوري پرت جهڙوڪ ڊليوري ڊرائيور، ڪال سينٽر تي ڪم ڪندڙ ورڪر وغيره، انهن جو تمام گهڻو استحصال ٿئي ٿو.

جديد ڪم ڪار جي جڳهن جهڙوڪ ايمازون جي گودامن ۾، اهي نوجوان مزدور تمام گهٽ پگهار تي ڪيترائي ڪلاڪ ڪم ڪن ٿا ۽ سندن بدترين استحصال  ٿئي ٿو. اهي ڏينهن ويا جڏهن مزدور فقط هڙتال جي ڌمڪي ڏئي پنهنجي اجرت ۾ واڌارو ڪرائي وٺندا هئا. مالڪن جو چوڻ آهي تہ پگهار ۾ واڌ تہ پري جي ڳالهہ آهي پر هو موجوده اجرتن مان بہ خوش ناهن، انهيءَ ۾ بہ ڪٽوتي ٿيڻ کپي.

اُهي ماڻهو جيڪي اجا تائين طبقاتي امن جا خواب ڏسن ٿا، سي سرمائيداريءَ جي ماضيءَ واري دور ۾ زندگي گهاري رهيا آهن جيڪو ڪڏهوڪو گذري چڪو آهي. اهي مارڪسوادي نہ پر ٽريڊ يونين ليڊر آهن جيڪي خيالي ( يوٽوپين) آهن. وڏين جنگين لاءِ اسٽيج تيار ٿي رهيو آهي، پر ناڪاره قيادت جي ڪري پورهيتن کي  شڪست جو منهن به ڏسڻو پئجي سگهي ٿو. ان کان بچڻ لاءِ مزدورن کي مڪمل جنگي موڊ ۾ اچڻو پوندو ۽ طبقاتي جنگ کي وڏي پيماني تي بحال ڪرڻو پوندو.

ريڊيڪلائزيشن جو عمل تيزيءَ سان اڳتي وڌندو. نتيجي ۾ ڪميونسٽن کي ٽريڊ يونين ۾ ڪم ڪرڻ جا ڪافي موقعا ملندا . اڳتي وڌڻ لاءِ مزدور طبقي جي تنظيمن کي نئين سر تعمير ڪرڻ جي ضرورت آهي، ۽ سڀ کان پهرين ٽريڊ يونينن کي پورهيت طبقي جي ويڙهاڪ تنظيمن ۾ تبديل ڪرڻو پوندو.

پر ائين ڪرڻ لاءِ اصلاح پسند يونين بيوروڪريسيءَ جي خلاف بنا ڪنهن رک رکاءُ جي جدوجهد ڪرڻي پوندي. يونينون ناهٺيون پونديون مٿي کان هيٺ ۽ طبقاتي سمجهوتن تي ٻڌل پاليسين جو پوريءَ ريت خاتمو ڪرڻو پوندو .

# خالي ويڙهاڪ ٿيڻ ڪافي ناهي

اصلاح پسنديءَ جي خلاف جدوجهد جو مطلب اهو هرگز ناهي تہ اسان سڌارن جي خلاف آهيون. اسان يونين اڳواڻن تي تنقيد ان ڪري نہ ڪندا آهيون ڇاڪاڻ تہ اهي سڌارن لاء وڙهن ٿا، پر ان ڪري ڪندا آهيون جو هُو وڙهن ئي ڪونه ٿا.

اهي مالڪن سان ناهہ ڪرڻ جون ڪوششون ڪندا آهن. اهي ويڙهاڪ قدم کڻڻ کان لنوائيندا آهن، ۽ جيڪڏهن انهن کي اهو ڪم پورهيتن جي دٻاءَ هيٺ ڪرڻو پيو تہ هو تحريڪ کي سوڙهو ڪري نڳيءِ جا ناهہ ناهي ان کي ٽڪڙو ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

ڪميونسٽ، پورهيتن جي زندگيءَ جي معيار ۾ معمولي کان معمولي بهتري لاءِ به وڙهندا، پر هنن حالتن ۾ بهتري يا سڌارا تڏهن ئي ماڻي سگهجن ٿا جڏهن انهن لاءِ جاري جدوجهد کي انقلابي بنيادن تي منظم ڪيو وڃي .

نالي ماتر بورجوا جمهوريت جون حدون ۽ عمل سيني آڏو پڌريون ٿين پيون. اسان هر جمهوري حق لاءِ وڙهنداسين تہ جيئن طبقاتي جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ جو رستو هموار ٿي سگهي. اجتماعي طور تي پورهيت طبقو پنهنجن تجربن مان سکندو آهي. سرمائيداريءَ ۾ مزدورن جي حالتن ۾ سڌاري لاءِ ٿيندڙ روزمره جي ويڙهہ کان سواءِ سوشلسٽ انقلاب جي جدوجهد جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي.

پر آخري تجزيي ۾ فقط ٽريڊ يونينز جي سطح تي ويڙهہ ڪافي ناهي. سرمائيداريءَ جي موجوده بحران وارين حالتن ۾ جيڪڏهن مزدورن ڪا بهتري حاصل بہ ڪري ورتي تہ بہ اها گهڻو وقت جٽادار رهي نہ سگهندي. مالڪ جيڪو ڪجهہ ساڄي هٿ سان ڏيندا، اهو کاٻي هٿ سان ڦري وٺندا. پگهار ۾ واڌارو مهنگائي ۽ ڳرن ٽيڪسن سبب بي اثر ٿيو وڃي. ڪارخانا بند ٿي رهيا آهن ۽ بيروزگاري وڌي پئي .

جيڪي سڌارا ٿيا آهن انهن کي قائم ۽ دائم رکڻ جو واحد رستو سماج جي انقلابي تبديليءَ لاءِ ويڙهہ وڙهڻ آهي. ڪنهن خاص موڙ تي دفاعي ويڙهہ مزاحمتي جدوجهد ۾ تبديل ٿي ويندي. اقتدار جي حاصلات لاءِ فيصلائتي ويڙهہ جو رستو انهن ننڍن ننڍن مطالبن لاءِ ٿيندڙ جدوجهد ذريعي ئي هموار ٿي سگهي ٿو.

# پارٽيءَ جي ضرورت

پورهيت طبقو ئي سماج جو حقيقي انقلابي طبقو آهي. هي ئي اهو واحد طبقو آهي جنهن وٽ ڪجھ اميرزادن جي پئسي جي حوس پوري ڪرڻ لاءِ پيداوار جي ذريعن جي خانگي ملڪيت ذريعي انساني قوت محنت جو استحصال ڪرڻ واري سرمائيداري نظام جي حمايت ڪرڻ جو ڪوبه جواز ڪونهي.

ڪميونسٽن جو فرض آهي تہ سماج کي بدلائڻ لاءِ پورهيت طبقي جي شعوري يا غير شعوري ڪوششن کي ڀرپور شعوري اظهار ڏين. سرمائي جي آمريت کي پاڙان پٽي اڇلائڻ جي لاءِ گھربل سگھ فقط پورهيت طبقي وٽ ئي آهي.

اسان کي اهو ڪڏهن بہ نہ وسارڻ گھرجي تہ پورهيت طبقي جي اجازت کان سواءِ نہ ته ڪو بلب روشن ٿي سگهي ٿو، نه ڪو ڦيٿو ڦري سگھي ٿو ۽ نہ ئي ٽيليفون جي گھنٽي وڄي سگھي ٿي. اها هڪ عظيم طاقت آهي، پر هن وقت اها طاقت فقط هڪ پوٽينشل جي صورت ۾ موجود آهي. انهيءَ پوٽينشل کي حقيقت ۾ بدلائڻ لاءِ جنهن شئي جي ضرورت آهي سا آهي هڪ تنظيم .

اسان هتي فطرت مان هڪ مثال وٺي سگهون ٿا. ٻاڦ هڪ اهڙي قوت آهي جنهن صنعتي انقلاب ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هي اها طاقت آهي جيڪا انجڻ هلائي ٿي، بجلي پيدا ڪري ٿي ۽ وڏن شهرن کي زندگي ۽ حرڪت ڏئي ٿي .

پر باقي اها طاقت تڏهن ٻڌجي ٿي جڏهن اها هڪ ميڪانيزم ۾ موجود هجي جنهن کي پسٽن باڪس سڏيو ويندو آهي. انهيءَ ميڪانيزم کانسواءِ بنا ڪنهن ڪجهه ڪرڻ جي هي هوا ۾ پکڙجي ضايع ٿي ويندي، انهيءَ ميڪنزم کان سواءِ اها فقط هڪ پوٽنشيل آهي ان کان علاوه ڪجهه به ناهي.

هر باشعور پورهيت ٽريڊ يونين جي بنيادي اهميت کي سمجهي ٿو. پر پرولتاري تنظيم جو اعليٰ ترين اظهار هڪ انقلابي پارٽي آهي، جيڪا پورهيت طبقي جي سڀ کان وڏيک ويڙهاڪ ۽ باشعور دستن کي گڏ ڪري سرمائيداريءَ جي خاتمي لاءِ منظم جدوجهد ڏانهن وٺي اچي ٿي. اهڙي پارٽيءَ جي تخليق اڄ جو اهم ترين ۽ تڪڙو فرض آهي.

## شعور

وڏندڙ معاشي ۽ سماجي اُٿل‌پٿل نظام جي بنيادن کي لوڏي رهيو آهي. گذريل ڪجهه عرصي ۾ ٿيندڙ عام چوندن جي حيران ڪندڙ نتيجن جي ٻي ڪهڙي وضاحت ٿي سگهي ٿي؟ ڪانٽو ڪڏهن ساڄي پاسي، پوءِ کاٻي پاسي وري ساڄي پاسي لڏندي نظر اچي ٿو.

کاٻيءَ ڌر جا تنگ نظر اصلاح پسند پورهيتن کي سندن مبينا پسماندگيءَ تي طعنا ڏيندي نظر اچن ٿا. اهڙيءَ ريت هو پنهنجي زهريلي ۽ تباهه ڪندڙ ڪردار کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پر حقيقت ۾ اهو عمل مايوسيءَ ۽ ڪنهن سنجيده متبادل جي کوٽ کي ظاهر ڪري ٿو. ماڻهو بحران کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ سخت ڪوششون ڪن پيا، اهي هڪ کان پوءِ ٻيو آپشن آزمائي رهيا آهن. هڪ کان پوءِ ٻي

حڪومت، پارٽي ۽ قيادت کي آزمايو ٿو وڃي، پر سڀ نااهل نڪرن ٿا ۽ نتيجي ۾ تاريخ جي ڪچري دان ۾ ڦٽي ڪيا وڃن ٿا .

ان سموري عمل ۾ سُڌار پسندن ۽ خاص ڪري ڪابي ڌر جي سڌارڪن جو ڪردار انتهائي مذمت جوڳو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ شعور ۾ تيزيءَ سان تبديليون رونما ٿي رهيون آهن. جيتوڻيڪ اهو عمل وقت وٺي ٿو، پر مقداري تبديليون لازمي طور تي هڪ اهڙي نقطي تي پهچي وڃن ٿيون جتي برق رفتار معياري تبديليون رونما ٿينديون آهن. شعور ۾ تيزيءَ سان ٿيندڙ تبديليون موجوده صورتحال جون خاصيتون آهن.

اسان اڄ ڪلهه اهڙيون تبديليون ڏسي رهيا آهيون، خاص طور تي نوجوانن ۾. هڪ تازي سروي ۾، 1,000 کان وڌيڪ برطانوي شهرين کان پڇيو ويو ته لفظ سرمائيداري جي معني ڇا آهي 73.سيڪڙو ماڻهن چيو "لالچ"، 70 سيڪڙو چيو "ڪم جو مسلسل دٻاءُ"، 69 سيڪڙو چيو "ڪرپشن"، 42 سيڪڙو ماڻهن اتفاق ڪيو ته "سرمائيداري اشرافيہ جو نظام آهي جيڪو انهن جي سياسي ايجنڊا طئي ڪري ٿو". ان تبديليءَ جو سڀ کان واضع اظهار نوجوانن ۾ ڪميونسٽ خيالن ڏانهن وڌندڙ لاڙي جي صورت ۾ ڏسي سگهجي ٿو. اهي نوجوان پاڻ کي ڪميونسٽ سڏائين ٿا جيتوڻيڪ انهن جي اڪثريت نه ڪڏهن ڪميونسٽ پڌرنامو پڙهيو آهي ۽ نہ ئي هنن کي سائنسي سوشلزم جي ڪا خبر آهي .

ڪابيءَ ڌر جي مسلسل غدارين انهن جي نظر ۾ لفظ "سوشلزم" کي داغي ڪري ڇڏيو آهي. اهو لفظ ويڙهاڪ پرتن آڏو پنهنجي ڇڪ

وڃائي ويٺو آهي. اُهي چون ٿا تہ اسان کي ڪميونزم کپي، صرف اهوئي کپي ان گهٽ ڪجھ بہ نه.

## ڪميونسٽ ڪير هوندو آهي؟

ڪميونسٽ پڌرنامي جي سيڪشن پرولتاريہ ۽ ڪميونسٽ ۾ لکيل آهي ته:

**مجموعي طور تي ڪميونسٽن جو پرولتاريہ سان ڪهڙو تعلق آهي؟**

ڪميونسٽ مزدور طبقي جي ٻين پارٽين جي مقابلي ۾ ڪا الڳ پارٽي نٿا ناهين. مجموعي طور تي انهن جو پرولتاريہ جي مفاد کانسواءِ يا انهن کان الڳ سندن جو ڪو بہ مفاد ناهي .

اهي پنهنجا الڳ فرقا پرور اصول قائم نٿا ڪن جنهن سان مزدور تحريڪ کي ڪا خاص شڪل ڏئي ان کي ڪنهن خاص سانچي ۾ پرويو وڃي.

ڪميونسٽ پورهيت طبقي جي ٻين پارٽين کان مٿانهان صرف انهيءَ ڪري آهن تہ اهي مختلف ملڪن جي مزدورن جي قومي جدوجهد ۾ بغير ڪنهن قومي فرق جي پوري پورهيت طبقي جي گڏيل مفادن تي زور ڏئي ان کي اجاگر ڪن ٿا.

جيتوڻيڪ هڪڙي پاسي جيتري قدر عمل جو تعلق آهي، ڪميونسٽ هر ملڪ جي مزدور پارٽين ۾ ثابت قدم جٿي جي حيثيت سان سڀ کان اڳڀان هوندا آهن، هڪ اهڙو جٿو جيڪو هميشہ ٻين کي اڳتي وڌائيندي هلندو آهي. ٻئي پاسي جيستائين نظريي جو تعلق آهي انهن جي عام مزدورن تي فوقيت اها آهي تہ اهي مزدور تحريڪ جي

اڳتي وڌڻ جي رستي کان واقف هوندا ۽ انهن جي حالتن ۽ فيصلائتي نتيجن کي چڱي طرح سمجهندا آهن .

اهي سٺون بهترين طريقي سان معاملي جي جوهر کي بيان ڪن ٿيون.

ڇا انقلابي ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي قيام جو مناسب وقت اچي ويو آهي؟

نام نهاد آزاد منڊيءَ جي معيشت جي خلاف وڌندڙ عوامي ردعمل سرمائي جي پاليسي جوڙيندڙن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون آهن. اهي افراتفريءَ سان ڀريل غير يقينيءَ واري مستقبل کان ڊنل آهن.

مايوسيءَ واري هن عالم ۾ بورجوازيءَ جي سنجيده نمائندن کي به موجوده صورتحال ۽ 1917ع جي دنيا جي وچ ۾ ڪافي هڪجهڙايون ڏسڻ ۾ اچن پيون. هي اهائي صورتحال آهي جنهن ۾ هڪ صاف بينر ۽ واضع انقلابي پاليسيون رکندڙ انقلابي پارٽيءَ جي قيام جو سوال اڀري سامهون اچي ٿو.

اسان جي تحريڪ جو ڪردار بين الاقوامي انهيءَ ڪري آهي ڇاڪاڻ تہ سرمائيداري بہ هڪ عالمي نظام آهي. شروع کان ئي مارڪس مزدورن جي عالمي تنظيم ناهڻ جي ڪوشش ڪئي .

پر اهڙي ڪا بہ تنظيم ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي اسٽالنسٽ زوال پذيريءَ کان پوءِ هيل تائين موجود نہ هئي. اهوئي بهترين وقت آهي انقلابي ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي قيام جو!

ڪجھ ماڻھو چوندا تہ اها فرقيواريت آھي. پر اھڙو ڪجھ بہ ناھي. اسان ۾ ۽ ڪابہ ڌر جي انتها پسند گروھن ۾ ڪا بہ شيءِ ھڪجھڙي ناھي، جيڪي مزدور تحريڪ جي پاسن تي چرين مورن وانگر نچندا آھن.

اسان جو فرقيواريت سان ڪو بہ تعلق ناھي ۽ اسان جو رخ انھن نوجوانن ڏانھن آھي جيڪي ڪميونزم ڪان متاثر ٿي رھيا آھن. اسان جي عمل جو سبب نہ تہ بي صبري آھي ۽ نہ ئي اسان موضوعي عنصر جي اھميت کي وڌائي چڙھائي پيش ڪريون پيا. اسان جو ھي فيصلو معروضي صورتحال جي صحيح سمجھ ۽ ضرورتن جي عين مطابق آھي. انھيءَ ڪري اھو قدم کڻڻ تمام ضروري ۽ لازم ٿي چڪو آھي.

اچو تہ ڪجھ حقيقتن جو جائزو وٺون.

برطانيہ، آمريڪا، آسٽريليا ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ گذريل ڪجھ سالن ۾ ڪيل ڪيترن ئي سروي مان اھو واضح ٿئي ٿو تہ ڪميونزم ڏانھن عوام جو لاڙو تيزيءَ سان وڌي رھيو آھي. ان حوالي سان سماج ۾ تمام گھڻو پوٽينشل موجود آھي. انھيءَ پوٽينشل کي حقيقت ۾ بدلائڻ لاءِ ھڪ تنظيمي اظھار ڏيڻ ضروري آھي .

سماج جي ھر اول دستن (پرتن) کي ھڪ حقيقي انقلابي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ منظم ڪندي، انھن کي ھڪ منظم بالشويڪ پارٽيءَ سان جوڙيندي، انھن کي مارڪسي نظريي ۽ ليننی طريقي ڪار ۾ تربيت ڏيندي، اسان ھڪ اھڙي قوت جوڙي سگھون ٿا، جيڪا ايندڙ

وقت ۾ سوشلسٽ انقلابي جدوجهد ۾ فيصلائتو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

اهو اسان جو فرض آهي ۽ اسان کي ان جي راهه ۾ هر ايندڙ ڏکيائي کي اورانگهي ان کي مڪمل ڪرڻو پوندو.

## اسٽالنزم بمقابله بالشويزم

هڪ وقت تائين ڪميونزم جا دشمن اهو سمجهندا رهيا ته انهن آڪٽوبر انقلاب جي ڀُوت (جن) جو خاتمو ڪري ڇڏيو آهي. سوويت يونين جي ٽٽڻ به هنن جي ان غلط فهميءَ کي وڌايو ته ڪميونزم هاڻي ماضيءَ جو قصو بڻجي چڪو آهي. هو خوشيءَ سان اعلان ڪندا هئا ته سرد جنگ جو خاتمو ٿي ويو آهي، ۽ اسان ڪٽي چڪا آهيون.

پر 1980ع واري ڏهاڪي ۾ اسان جي طبقاتي دشمنن پاران پکڙيل ڪوڙين ڪهاڻين جي ابتڙ، ڪميونزم نه پر اسٽالنزم جو زوال ٿيو. جيڪو ڪميونسٽ نظرين جي بدترين بيوروڪريسي ۽ آمرانه تباهيءَ جو نتيجو هو ۽ جنهن جو 1917ع ۾ لينن ۽ بالشويڪن پاران قائم ڪيل مزدور جمهوريت سان پري پري تائين جو ڪو تعلق ڪو نه هو.

لينن جي موت کان پوءِ انقلابي ٿڪاوٽ جي دور ۾ اسٽالن مراعات يافته بيوروڪريسيءَ جي نمائندگي ڪندي بالشوزم جي خلاف سياسي رد انقلاب جي اڳواڻي ڪئي. اسٽالن پنهنجي ردِ انقلابي آمريت

کي مضبوط ڪرڻ لاءِ لينن جي سڀني ساٿين ۽ بيشمار ٻين حقيقي ڪميونسٽن کي قتل ڪرائي ڇڏيو.

اسٽالنزم ۽ بالشويزم نہ رڳو هڪ ٻئي کان مختلف آهن، پر اهي هڪ ٻئي جا مڪمل ضد ۽ جاني دشمن آهن. رت جو هڪ درياهہ آهي جيڪو انهن کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري ٿو.

## ڪميونسٽ پارٽين جو زوال

ڪميونزم جو لفظ بيشڪ لينن جي نالي ۽ روسي انقلاب جي شاندار روايتن سان جُڙيل آهي. پر اڄ جون ڪميونسٽ پارٽيون رڳو نالي ۾ ڪميونسٽ آهن. انهن پارٽين جي قيادت گهڻو اڳ لينن ۽ بالشويزم جي خيالن کي ڇڏي ڏنو هو.

لينن ازم جي نظرين کي هنن تڏهن ئي خيرباد چئي ڇڏيو جڏهن هنن "هڪ ملڪ ۾ سوشلزم" جي غير مارڪسي پاليسيءَ کي قبول ڪيو. 1928ع ۾ ٽراٽسڪيءَ اڳڪٿي ڪئي تہ ان جو نتيجو لازمي طور تي دنيا جي سڀني ڪميونسٽ پارٽين جي قومي اصلاح پسنديءَ واري زوال جي شڪل ۾ نڪرندو. اها اڳڪٿي سؤ سيڪڙو سچ ثابت ٿي.

شروع ۾ ڪميونسٽ پارٽين جا اڳواڻ اسٽالن ۽ آفيسر شاهيءَ جي حڪمن جي مڪمل پيروي ڪندي ماسڪو جي هر اشاري تي غلاميءَ ساڻ عمل ڪيو. بعد ۾ هنن اسٽالن کي رد ڪري ڇڏيو، پر ائين ڪندي لينن ڏانهن رخ ڪرڻ بدران ساڄي پاسي هليا ويا. ماسڪو مان جند ڇڏائيندي گهڻن ئي ملڪن مان انهن پارٽين پوريءَ ريت اصلاح پسندي واري نقطي نظر ۽ پاليسيون اختيار ڪيون .

"هڪ ملڪ ۾ سوشلزم" جي تباهيءَ واري پاليسيءَ تي عمل ڪندي، هر ملڪ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي قيادت پنهنجي ملڪ جي بورجوازيءَ سان سمجهوتو ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪميونسٽ پارٽيون زوال پذيريءَ جو شڪار ٿي برباد ٿي ويون.

ان سلسلي ۾ اٽليءَ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو مثال سيني جي سامهون آهي، جيڪا ڪنهن زماني ۾ يورپ جي سڀ کان وڏي ۽ طاقتور ڪميونسٽ پارٽي هئي. قومي سڌار پسنديءَ جي زوال نيٺ اٽليءَ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ اها بورجوا اصلاح پسند پارٽيءَ ۾ تبديل ٿي وئي.

اهڙيءَ ريت برطانوي ڪميونسٽ پارٽي به پنهنجي ماضيءَ جو پاڇو بڻجي چڪي آهي. هن جو ٿورو گهڻو اثر سندس جي اخبار ”مارننگ اسٽار“ جي ڪري بچيل آهي، جنهن جي پاليسي ڪابيءَ ڌر جي اصلاح پسنديءَ جو هڪ تباهه ٿيل نمونو آهي. حقيقت ۾، اها فقط يونين بيوروڪريسيءَ کي ڪابي ڌر جي چادر ۾ ويڙهڻ جو ڪم ڪري ٿي .

هسپانوي ڪميونسٽ پارٽي هن وقت اتحادي حڪومت جو حصو آهي جيڪا روس جي خلاف نيٽو جي تازي جنگ دوران يوڪرين کي هٿيار مهيا ڪري رهي آهي. نتيجي ۾ پارٽي تيزيءَ سان تباهه ٿي رهي آهي. سندس يوٿ ونگ پارٽيءَ جي آفيشل لائين سان اختلاف ڪيو ۽ نتيجي ۾ ان کي پارٽيءَ مان ڪڍيو ويو آهي .

آمريڪي ڪميونسٽ پارٽي فقط ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي چونڊ مهم هلائڻ جي مشين بڻجي وئي آهي ۽ ”فاشزم جي خلاف ووٽ“ جي نالي تي جو بائيڊن جي مهم هلائي رهي آهي. ڏکڻ آفريڪا جي ڪميونسٽ پارٽي ٽن ڏهاڪن تائين اي اين سي ANC جي سرمائيداراڻي حڪومت جو حصو رهي آهي ۽ ايستائين جو 2012ع ۾ ماريڪانا ۾ ڪاهي ڪوٽينڊڙ 34 هڙتالين جي قتل عام جو بہ دفاع ڪيو هيائين. اها هڪ لامحدود فهرست آهي .

# ڪميونسٽ پارٽين جو بحران

تاريخ جي هن اهم موڙ تي عالمي ڪميونسٽ تحريڪ مڪمل طور تي انتشار جو شڪار آهي. پوري دنيا جي ڪميونسٽ پارٽين غزه تي حملي جي جواب ۾ ”عالمي قانون“ ۽ گڏيل قومن جي قراردادن جو احترام ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي، ٻين لفظن ۾ ائين ڪٽي چئجي تہ وڏين سامراجي قوتن آڏو جهڪي پيا آهن.

پر اهو فيبروري 2022ع ۾ يوڪرين تي روس جو حملو هو جنهن هڪ ٻيج ڊاهه پيدا ڪري ڇڏي ۽ اڪثر ڪميونسٽ پارٽيون پنهنجي حڪمران طبقي آڏو جهڪي پيون. خاص ڪري مغربي ملڪن ۾ڪميونسٽ پارٽين ڳالهين ۽ امن لاءِ اپيلن ۾ نيٽو جي حمايت کي رومال ۾ ڍڪي پيش ڪيو. غزه تي اسرائيل جي حملي صورتحال کي وڌيڪ خراب ڪري ڇڏيو آهي.

فرانسيسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪابيءَ ڌر جي چونڊ اتحاد کان انهي ڪري الڳ ٿي چڪو ته انهن جي اڳواڻ ميلاشون حماس کي دهشتگرد تنظيم مڃڻ کان انڪار ڪيو. ٻئي طرف ڪجهه ڪميونسٽ پارٽيون روسي ۽ چين جي پرڏيهي وزارتن جو رڳو مائوٿ پيس بڻجي چڪيون آهن. جيڪي ڪمزور ۽ قبضي هيٺ ملڪن جي ”سامراجي قبضي ۽ قرضن جي غلاميءَ“ خلاف جدوجهد ۾ انهن ملڪن (روس ۽ چين) کي ترقي پسند اتحاديءَ طور پيش ڪري رهيون آهن.

روس جي ڪميونسٽ پارٽي ان سلسلي ۾ هڪ بهترين مثال آهي. جيڪا ڪميونسٽ ته پري جي ڳالهه پر اهڙي پارٽي به نہ رهي آهي جيڪا پنهنجا فيصلا ڪرڻ ۾ به آزاد هجي. زيووگانوف جي پارٽي گهڻو اڳ پيوٽن جي رجعت پسند حڪومت آڏو بي وس بڻجي وئي آهي. انهن سمورن تضادن جي نتيجي ۾ انهن پارٽين ۾ لڳاتار قوت پئجي رهي آهي.

2023ع ۾، ڪيوبا جي شهر ويانا ۾ ڪميونسٽ ۽ ورڪرز پارٽين جو هڪ عالمي اجلاس منعقد ٿيو. اختلاف ايترا گهڻا هيا جو يوڪريني جنگ بابت گڏيل اعلاميو بہ جاري ڪري نه سگهيا.

## ڪميونسٽ تحريڪ جو بحران ۽ يونان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ڪردار

ڪيترن ئي عام ڪميونسٽ ڪارڪنن ان بي شرميءَ واري ترميم پسنديءَ خلاف سخت رد عمل ظاهر ڪيو آهي. يونان جي ڪميونسٽ پارٽي (KKE) بيشڪ مرحلي وار انقلاب جي رجعتي

استالنسٽ-منشويڪ نظرئي  هڪ اهم قدم کنيو آهي. هن يوڪرين جي جنگ تي بہ صحيح مؤقف اختيار ڪندي ان کي مختلف سامراجي طاقتن جي وچ ۾ جنگ قرار ڏنو آهي.

نتيجي ۾ يوناني پورهيتن يوناني بندرگاهن کان يوڪرين ڏانهن هٿيارن جي رسد کي روڪي ڇڏيو. سيئي سچا ڪميونسٽ ان قدم کي پليڪار چون ٿا. پر جڏهن تہ اهو سڀ ڪجهہ زبردست آهي، پر تڪڙ ۾  اهو چوڻ بلڪل بہ ٺيڪ ناهي تہ يوناني ڪميونسٽن جو صحيح مؤقف ڏانهن سفر پورو ٿي چڪو آهي.  خاص طور تي هڪ ملڪ ۾ سوشلزم جي غير مارڪسي نظريي کان لاتعلقي ڪرڻ ۽ لينن جي گڏيل محاذ (United Front) وارو طريقو اختيار ڪرڻ تمام وڏي اهميت رکي ٿو.

ڪي ڪي اي( KKE) بين ڪميونسٽ پارٽين سان رابطا قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي ۽ انهن کي يوڪرين جي جنگ بابت پنهنجو مؤقف پهچائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، جيڪو بيشڪ صحيح رستي ڏانهن هڪ وک آهي. پر ان معاملي ۾ ڪاميابيءَ لاءِ پهريون شرط اهو آهي تہ سڄي دنيا ۾ حقيقي ڪميونسٽ لاڙن سان گڏ هڪ کلي ۽ جمهوري بحث ۾ اچجي .

لينن جي طريقن ۽ نظرين تي جُڙيل هڪ حقيقي ڪميونسٽ انٽرنيشنل کنهن سفارتي چالبازي نه پر بحث مباحثي ۽ جمهوري مرڪزيت جي ذريعي ئي قائم ٿي سگهي ٿي. اهو اسان جو فرض آهي تہ تحريڪ کي ان جي اصل آدرش ڏانهن وني هلون. لينن جو جهندو ڦڙڪايون، پاڙيائپ واري اصلاح پسنديءَ کان لاتعلقيءَ جو اظهار ڪريون. ان حوالي ۾ اسان هر ان تنظيم ۽ پارٽيءَ ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايون ٿا جنهن جا مقصد ساڳيا آهن.

جڏهن ٽراٽسڪيءَ عالمي ڪاٻي ڌر جي اپوزيشن جي شروعات ڪئي تہ سندس چوڻ موجب اها عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي ليفٽ اپوزيشن هئي. اسان حقيقي ڪميونسٽ آهيون. بالشويڪ ليننِي آهيون، جنهن کي اسٽالِن جي آفيسر شاهي واري انداز ڪميونسٽ تحريڪ مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو. اسان هميشہ سچي لينن ازم ۽ آڪٽوبر انقلاب جي ڳاڙهي جهنڊي کي قائم رکڻ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي، ۽ هاڻي اسان کي عالمي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ پنهنجو جائز مقام ٻيهر حاصل ڪرڻو آهي.

وقت اچي ويو آهي تہ اسان تحريڪ ۾ ماضيءَ جي باري ۾ هڪ ايماندار بحث جي شروعات ڪيون، جنهن جي نتيجي ۾ اسٽالنزم جي آخري باقيات کان مڪمل لاتعلقي ڪندي لينن ازم جي ٺوس بنيادن تي ڪميونسٽن جي وچ ۾ هڪ دائمي اتحاد قائم ڪري سگهجي.

ترميم پسندي مرده باد!

ڪميونسٽن جي ويڙهاڪ اتحاد ڏانهن وڌو!

لينن ڏانهن واپس موٽو!

## لينن جي پاليسي

اسان جو فوري مقصد عوام کي کٽڻ نہ آهي. في الحال اهو ڪم اسان جي وس کان ٻاهر آهي . اسان جو مقصد سڀ کان وڌيڪ ويڙهاڪ ۽ باشعور ماڻهن کي کٽڻ آهي. فقط انهيءَ طريقي سان اسان عوام تائين پهچي سگهون ٿا، عوام تائين رسائي حاصل ڪرڻ واري هن

ڪم ڪي سنجيدگيءَ سان ڪرڻو پوندو.. مزدوورن ۽ نوجوانن جو نئون نسل بحران مان نڪرڻ جو رستو ڳولي رهيو آهي. اهي چڱيءَ ريت ڄاڻن ٿا تہ نجات جو واحد رستو سوشلسٽ انقلاب ئي آهي. اهي مسئلن جي نوعيت ڪي سمجهندي بنيادي وِکن جي ضرورت ڪي محسوس ڪري رهيا آهن. پر سندن بي صبري ڪانئن غلطيون به ڪرائي سگهي ٿي.

ڪميونسٽن جو ڪم تمام گهڻو سولو ٿي پئي ها جيڪڏهن ان ڪي فقط پورهيت طبقي تي انقلابي نعرن جي بوڇاڙ ڪرڻي هجي ها. پر اهو ڪافي ناهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ نقصانڪار ثابت ٿيندو آهي. آخري تجزيي ۾ پورهيت طبقو فقط پنهنجن تجربن مان ئي سکندو آهي، خاص طور تي وڏن واقعن مان. باقي عمومي طور تي اهو تمام گهڻي سست رفتاريءَ سان سکندو آهي. اهڙي سستيءَ سان جو ڪڏهن ڪڏهن ڪي انقلابي بہ احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿي بي صبرا ٿي پوندا آهن.

لينن اهو چڱيءَ ريت ڄاڻندو هو تہ اقتدار تي قابض ٿيڻ لاءِ بالشويڪن ڪي پهرين عوام تي سوڀ حاصل ڪرڻي پوندي. ان مقصد لاءِ لچڪدار رٿابنديءَ جي ضرورت پئي ٿي. لينن هميشہ انقلابين ڪي صبر جي تلقين ڪئي. 1917ع جي تيز انقلابي سال ۾ بہ هو بالشويڪن ڪي صبر سان وضاحت ڪرڻ جي نصيحت ڪندو رهيو.

پورهيت طبقي جي نوس تجربن مان اخذ ڪيل لائحہ عمل کانسواءِ انقلابي تحريڪ جوڙڻ نلهو ڄاڙي هڻڻ آهي، جنهن جو ڪوبه فائدو ناهي .ان ڪري ڪميونسٽن لاءِ طريقيڪار ۽ حڪمت عمليءَ جا سوال وڏي اهميت رکن ٿا. لينن ۽ ٽراٽسڪي ٻئي ڪميونسٽن جي هر

اول دستي جي وڏين وڏين سڌار پسند عوامي تنظيمن سان لاڳاپن بابت بلڪل واضع هئا.

لينن جو ڪتاب ”کابي ڌر جو ڪميونزم هڪ ٻاراڻو مرض“ انقلابي طريقي ۽ حڪمت عمليءَ ڏانهن سندس روش جو نچوڙ آهي. هڪ صديءَ ڪان بہ وڌيڪ عرصو گذرڻ ڪان پوءِ بہ هي اهم موضوع نام نهاد ٽراٽسڪائي فرقن لاءِ اهي اهم موضوع ستن پردن ۾ ويڙهيل ڪتاب جيان آهي. هر هنڌ هنن ٽراٽسڪي ازم جي نالي ڪي تمام گهڻو هاجو رسايو آهي ۽ ايئن آفيسر شاهيءَ لاءِ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون اٿائون. هنن جو خيال آهي تہ وڏين عوامي تنظيمن کي فقط تاريخ جي غلطي قرار ڏئي رد ڪري سگهجي ٿو. عوامي تنظيمن ڏانهن سندن رويو رڳو ”غداري،غداري“ جي نعرن تائين محدود آهي. پر ان قسم جون حرڪتون اسان کي سڌو تباهيءَ ڏانهن وٺي وڃن ٿيون.

انهن سڀني جو لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ جي لچڪدار طريقي ڪار سان ڪوبہ واسطو ناهي، جيڪي اصلاح پسندن جي اثر هيٺ موجود پورهيتن تائين رسائي حاصل ڪرڻ جي ضرورت ڪان چڱيءَ ريت واقف هئا. اسان جو اهڙي واهيات فرقيواريت سان ڪو بہ تعلق ناهي ۽ اسان پوري جرئت ۽ بي باقيءَ سان پورهيتن ڏانهن رخ ڪري رهيا آهيون. عوام آڏو ڪميونسٽ پاليسين جي صبر سان وضاحت ڪندي ۽ اصلاح پسند اڳواڻن اڳيان مطالبا رکندي، اصلاح پسند پورهيتن کي ڪميونزم ڏانهن وٺي اچڻ ممڪن آهي.

## سمورا اختيار سوويتن کي ڏيو

هتي اهو ياد ڏيارڻ مناسب ٿيندو ته لينن 1917ع ۾ ”آل پاور ٽو سوويت يونين“ جو نعرو لڳايو هو، جڏهن پورهيتن ۽ سپاهين جي وڏي اڪثريت جي نمائندگي ڪندڙ اهي تنظيمون اجا اصلاح پسند منشويڪن ۽ سماجي انقلابين جي اثر هيٺ هيون.

هن نعري سان لينن حقيقت ۾ سوويت يونين جي اصلاح پسند اڳواڻن کي چئي رهيو هو ته ”ڏاڍو سنو، توهان وٽ اڪثريت آهي. اسان مطالبو ٿا ڪريون ته اقتدار پنهنجي هٿن ۾ وٺو ۽ ماڻهن کي اهو ڏيو جيڪي هو چاهين ٿا، امن، ماني ۽ زمين“ جيڪڏهن توهان ائين ڪندا ته اسان توهان جي حمايت ڪنداسين. اهڙيءَ طرح گهرو ويڙهه ٽري ويندي ۽ سوويتن جي اندر رسائي حاصل ڪرڻ جي پُرامن جدوجهد محدود ٿي ويندي.

پر پاڙين اصلاح پسند اڳواڻن جو اقتدار تي قبضو ڪرڻ جو ڪوبه ارادو ڪونه هو. اهي بورجوا عبوري حڪومت جي اڳيان مڪمل طور تي گوڏا کوڙي چڪا هئا، جيڪا وري سامراج ۽ رجعتين اڳيان سر جهڪائي بيٺل هئي. انهيءَ ڪري سوويتن ۾ پورهيتن ۽ سپاهين آڏو سندن جي اصلاح پسند اڳواڻن جي غداري بي نقاب ٿي وئي ۽ اهي بالشويڪن جا حامي بڻجي ويا.

فقط انهيءَ طريقي سان بالشويڪ فيبروري 1917ع ۾ اٺ هزار ميمبرن تي مشتمل هڪ ننڍي پارٽي آڪٽوبر انقلاب کان پهريان سوويتن جي اڪثريت کي کٽندي هڪ عظيم انقلابي قوت بڻجڻ جي قابل ٿي. سي کان وڌيڪ ضروري آهي ته اسان حقيقت جو صحيح ادراڪ رکون .

اسان جي وس کان ٻاهر ڪميونزم جي حقيقي قوتن ڪي تاريخي عملن جي هٿان زبردست ڌڪ لڳو هو ۽ اهي تمام گهڻو پوئتي ڌڪجي ويون. اسان مزدور تحريڪ ۾ اقليت جي به اقليت بڻجي ويا هئاسين . اسان وٽ صحيح نظريا آهن، پر پورهيت طبقي جي وڏي اڪثريت ڪي اجا بہ اهو سمجهائڻ جي گهرج آهي تہ اسان جا نظريہ ٺيڪ ۽ ضروري آهن. اهي اجا تائين بنيادي طور تي روايتي اصلاح پسند تنظيمن جي اثر هيٺ انهيءَ ڪري آهن ڇاڪاڻ تہ انهن تنظيمن جا اڳواڻ انهن کي بحران مان ڪڍڻ جو هڪڙو سولو ۽ بغير تڪليف وارو رستو پيش ڪن ٿا.

پر حقيقت ۾ اهو رستو وڏيڪ ناڪاميءَ جو سبب بڻجي وڏيڪ مايوسي ۽ تباهي پڪيڙي رهيو آهي. ڪميونسٽ ڪنهن بہ صورت ۾ پورهيت طبقي کي سڌار پسند غدارن ۽ يونين آفيسر شاهيءَ جي رحم ۽ ڪرم تي نہ ٿا ڇڏي سگهن. ان جي ابتڙ اسان کي انهن جي خلاف بغير ڪنهن مصلحت جي جدوجهد ڪرڻي پوندي. بهرحال ان جي باوجود پورهيت طبقي کي اصلاح پسنديءَ جي تڪليف ڏيندڙ اسڪول مان گذرڻو پوندو.

اسان جو ڪم انهن تي طعنا ڏيڻ نہ آهي، پر اسان کي هن سڄي تجربي ۾ انهن سان گڏ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهڻو پوندو ۽ انهن کي اهم نتيجا حاصل ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ جو رستو ڳولهڻ ۾ مدد ڪرڻي آهي ، بلڪل اهڙيءَ طرح جئين بالشويڪن 1917ع ۾ ڪيو هو.

## پورهيتن تائين پُل ناهيو!

اسان کي پورهيت طبقي سان تعميري بحث مباحثو ڪرڻو پوندو، جنهن ۾ هو اسان کي ڏارين عنصرن جي طور تي نہ پر سرمائيداريءَ جهڙي گڏيل دشمن جي خلاف جدوجهد ۾ ساٿيءَ جي حيثيت سان ڏسن. اسان کي انهن تي ڪميونزم جي مٿڀرائي فقط لفظن سان نہ پر عمل ذريعي ثابت ڪرڻي پوندي.

اسان کي هاڻي ئي اصلاح پسنديءَ جي اثر هيٺ پورهيتن جي اڪثريت سان رابطو قائم ڪرڻو پوندو. ليبر آفيسر شاهي ڪميونسٽن کي مزدورن کان پري رکڻ لاءِ هر قسم جون ٽلون وڙهائيندي. اسان تي پابندي لڳايون وينديون، اسان تي الزام هنيا ويندا، اسان کي بي دخل ڪيو ويندو، اسان تي هر طرح سان حملا ڪيا ويندا. پر اسان کي انهن سيني رڪاوٽن کي پار ڪرڻو پوندو. اهو ناممڪن آهي تہ مزدور تنظيمن جي آفيسر شاهي اسان جو رستو روڪي سگهي.

لائحہ عمل جوڙڻ لاءِ ڪو بہ گولڊن فارمولو ناهي، ان جو تعين وقت ۽ حالتن پٽاندڙ ڪيو ويندو آهي. اهو ڪو اصولي نه بلڪه هڪ عملي سوال ٿئي ٿو. لينن جو حڪمت عمليءَ بابت رويو ڏاڍو لچڪدار هو. لينن جيڪو 1914ع ۾ سوشل ڊيموڪريسيءَ سان مڪمل لاتعلقيءَ جي حق ۾ هو ۽ برطانيہ ۾ هڪ آزاد ڪميونسٽ پارٽيءَ جي قيام جي حمايت ڪيائين، بعد ۾ هن پنهنجي پروگرام، بينر ۽ پاليسين کي برطانوي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ليبر پارٽيءَ سان الحاق جي تجويز پڻ ڏني .

مخصوص صورتحال ۾ اهو ممڪن آهي تہ اسان کي پنهنجون سموريون قوتون ڪنهن اصلاح پسند تنظيم ۾ موڪلڻيون پون تہ جيئن ڪابي ڌر ڏانهن حرڪت ڪندي پورهيتن کي نوس انقلابي پوزيشن تي ڪٽي سگهجي .پر هن مرحلي تي اهو فوري چئلينج ناهي. هن وقت ان لاءِ گهربل صورتحال موجود ناهي. پر اصول اهو آهي تہ اسان کي هر صورت ۾ پورهيتن تائين رسائي حاصل ڪرڻي آهي. اهو فقط لائحہ عمل جو سوال ناهي پر ڪميونسٽن لاءِ زندگي ۽ موت جو معاملو آهي.

هڪ آزاد پارٽيءَ جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ جي باوجود، ڪميونسٽن جو فرض آهي تہ هو مزدورن جي وڏين تنظيمن ڏانهن رخ ڪن ۽ مزدورن تائين پهچ لاءِ جتي بہ ممڪن هجي هڪ گڏيل محاذ جوڙين. اها ان شخص لاءِ اي بي سي آهي، جيڪو مارڪس، اينگلس، لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ جي خيالن ۽ حڪمتِ عمليءَ بابت ٿوري ٽڪي ڄاڻ رکي ٿو.

اسان جي پاليسي ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي پهرين چئن ڪانگريسن ۾ لينن پاران پيش ڪيل ٿيسز تي ٻڌل آهي. جيڪڏهن اسان جا فرقي پرست نقاد اهو سمجهڻ کان قاصر آهن تہ اها انهن جي بدقسمتي آهي.

## اسان ڇو پيا وڙهون؟

پنهنجي جوهر ۾ ڪميونسٽن جا مقصد اهي ئي آهن جيڪي عام طور تي پورهيتن جا آهن. اسان بي گهري ۽ بک جو مڪمل خاتمو چاهيون ٿا، اسان ڪم جي حالتن ۾ بهتري ۽ روزگار جي ضمانت

چاهيون ٿا، اسان چاهيون ٿا تہ ڪم جي وقت ۾ نمايان گهٽتائي اچي، اسان بهتر صحت ۽ تعليم جون سهولتون چاهيون ٿا، اسان سامراج ۽ جنگين جو خاتمو چاهيون ٿا ۽ اسان پنهنجي ڌرتيءَ تان ماحولياتي تباهيءَ جو خاتمو چاهيون ٿا .

پر اسان اهو بہ واضع ڪريون ٿا تہ سرمائيداريءَ جي موجوده بحران ۾ انهن سڀني مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ بغير ڪنهن مصلحت جي جدوجهد ڪرڻي پوندي، جيڪا تڏهن ئي ڪامياب ٿي سگهي ٿي جڏهن اها سرمائيدارن ۽ بينڪارن جي خانگي ملڪيت جي خاتمو ڪري. انهيءَ ڪري ٽراٽسڪيءَ عبوري پروگرام جو تصور پيش ڪيو هو .

مزدورن جي هر جدوجهد ۾ ڪميونسٽ پوري قوت سان حصو وٺندا. ڪنهن بہ تحريڪ ۾ ڪميونسٽن پاران پيش ڪيل نوس مطالبا، بدلجندڙ حالتن مطابق تبديل ٿيندا، ۽ هر ملڪ جي صورتحال موجب ان ۾ فرق هوندو. تنهنڪري هڪ تفصيلي مطالبن تي ٻڌل پروگرام ڏيڻ موجوده منشور جي مقصدن کان ٻاهر آهي.

ٽراٽسڪيءَ 1938ع ۾ چوٿين انٽرنيشنل جي تاسيسي دستاويز ۾ اهو طريقي ڪار تہ سڀني ملڪن ۾ ڪميونسٽن کي نوس مطالبن تي پروگرام جوڙڻ کپي، نهايت شاندار انداز ۾ پيش ڪيو. جنهن جو عنوان هو ”مرندڙ سرمائيداري نظام ۽ چوٿين انٽرنيشنل جا فرض.“ عام طور تي اهو ”عبوري پروگرام“ جي نالي سان پڻ سڃاتو وڃي ٿو .ان ۾ پيش ڪيل مطالبا لينن ۽ بالشويڪن جي پروگرام ۽ ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي پهرين چئن ڪانگريسن ۾ ٿيندڙ بحث مباحثي جو نچوڙ آهن.

عبوري مطالبن جو بنيادي خيال بلڪل سادو آهي، ٽراٽسڪيءَ وضاحت ڪئي تہ سرمائيداراڻي زوال واري دور ۾ زندگيءَ جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ ٿيندڙ ڪابہ سنجيدا جدوجهد بنا ڪنهن رڪ رڪاءُ جي بورجوا ملڪيتي رشتن ۽ رياست جي حدن کان ٻاهر نڪري ويندي.

بلڪل ائين ئي جيئن جنگ ۾ دفاعي جنگ بي ڌڙڪ حملن ۾ تبديل ٿي ويندي آهي، تيئن طبقاتي جنگ ۾ فوري مطالبن جي جدوجهد ڪجھ حالتن ۾ شعوري جدوجهد کي جنم ڏيندي اقتدار تي قبضي جي انقلابي جدوجهد ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي .

آخري تجزيي ۾ ڪو بہ سڌارو مستقل نٿو ٿي سگهي جيستائين سرمائيداري نظام کي پاڙان پٽي اڇلايو نٿو وڃي. ڪميونسٽ پورهيت طبقي جي مڪمل آزاديءَ لاءِ وڙهندا آهن، اهي ظلم ۽ استحصال کان مڪمل آزادي لاءِ وڙهندا آهن. اهو سڀ ڪجھ تڏهن حاصل ٿيندو جڏهن بورجوا رياست کي پاڙان اکوڙي، پيداوار جا ذريعا اجتماعي ملڪيت ۾ ڏئي سوشلسٽ منصوبي تحت پورهيت طبقي جو جمهوري ڪنٽرول حاصل ڪجي. انسانيت جو مستقبل ان تي ٻڌل آهي. عظيم آئرش مارڪسوادي جيمس ڪونوليءَ جي لفظن ۾ ”اسان جي گهرج انتهائي عاجزاڻي آهي، اسان فقط دنيا گهرون ٿا“.

## ڇا ڪميونزم هڪ يوٽوپيائي خيال آهي؟

سرمائيدارن جي حامين جي آخري پناھ گاھ اهو دليل آهي تہ سندن ڏيوالي نڪتل نظام جو ڪو بہ متبادل ناهي. پر ڇا ڪو باشعور ماڻهو ان ڳالھ تي يقين ڪري سگهي ٿو؟ ڇا واقعي ائين ٿي سگهي ٿو

ته انسان اهڙو نظام لاڳو ڪرڻ جي قابل ناهي  جيڪو هن بدترين صورتحال کان بهتر هجي؟ اهڙي بڪواس ڳالهه ڪرڻ انسان ذات جي عقل جي توهين ڪرڻ برابر آهي.

بينڪارن ۽ سرمائيدارن جي آمريت جي خاتمي جي نتيجي ۾ هڪ اهڙي معيشت جنم وٺندي جنهن ۾ پيداوار چند ارب پتين جي حوس بدران سموري انسانذات جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ هڪ نئوس منصوبا بندي تحت ڪئي ويندي.

هر ساجاهه وند ماڻهوءَ جي اڳيان مسئلي جو حل موجود آهي  ۽ ان کي عملي ويس پارائڻ انسانن جي هٿ ۾ آهي. هي غربت، بک، جنگيون ۽ سرمائيداري نظام جي ٻين سيني آفتن جو خاتمو ڪندي انساني وقار مطابق سماج تعمير ڪرڻ جو واحد رستو آهي .

ڪميونزم جا دشمن اهو الزام مڙهيندا آهن ته هي هڪ وهم آهي، هن الزام ۾ هڪ سفاڪي آهي. اصل وهم ته هڪ اهڙي نظام جي بقا جو تصور آهي جيڪو پنهنجو تاريخي دور پورو ڪري چڪو آهي ۽ جنهن جو وجود سماج جي هر حقيقي ضرورت سان ٽڪراءَ ۾ آهي. اهڙي نظام کي بقا جو ڪو به حق ناهي ۽ ان جو انجام تاريخ جو ڪچرو ٿيڻ آهي.

ڪميونزم ۾ ڪجهه به خيالي ڪونهي. ان جي ابتڙ، هڪ نئين ۽ بهتر انساني سماج ناهڻ لاءِ ضروري مادي حالتون عالمي سطح تي اڳ ۾ ئي موجود آهن ۽ تيزيءَ سان وڌيڪ مضبوط ٿي رهيون آهن .

سائنس ۽ ٽيڪنالوجيءَ ۾ ٿيندڙ بي پناھ ترقيءَ بک، غربت ۽ اجهي جي پريشانيءَ کان آجي دنيا جي تخليق کي عملي جامو پارائڻ جا چٽا ۽ روشن امڪان آھن . ھٿراڏو ذھانت ۽ روبوٽڪس ۾ ترقي ڪم جي ڪلاڪن ۾ وڏي پيماني تي گهٽتائي جو سبب بڻجي سگهي ٿي جتي ماڻھو صرف ڪم ڪندا تڏھن جڏھن انھن کي ضرورت محسوس ٿيندي. اجرتي غلاميءَ جو خاتمو ئي ھڪ طبقاتي سماج جو مادي بنياد آھي. ھاڻي ائين ڪرڻ ممڪن آھي. ھي ھڪ يوٽوپيائي خيال يعني ڪنھن چريي جو خواب ناھي، پر ھڪ قابل عمل تصور آھي. پراڻي دنيا جي بطن مان خاموش پر مستقل مزاجي يا آزاديءَ ساڻ ھڪ نئين دنيا جي واڌ ويجھ ٿي رھي آھي.

سرمائيداريءَ ۾ سڀ ڪجھ پنھنجي اُبتڙ ۾ بدلجي ويو آھي. ھڪ اھڙو نظام جنھن ۾ ھر ڪم نفعي لاءِ ڪيو وڃي ٿو، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ھر ترقي ڪم جا ڪلاڪ وڌائڻ ۽ استحصال ۾ واڌ جو سبب بڻجي ٿي.

اسان فقط اھو چاھيون ٿا تہ چند امير ماڻھن جي خوشين لاءِ ھن غير منصفاڻي ۽ غير منطقي نظام کي ھڪ منطقي منصوبابند معيشت ۾ تبديل ڪيون جنھن جي ھر پيداوار انساني ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ھجي.

# ھڪ حقيقي ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي قيام ڏانھن وڌو!

تي ڏهاڪا اڳ، سوويت يونين جي ٽٽڻ جي موقعي تي، فرانسس فوڪوياما فاتح انداز ۾ تاريخ جي خاتمي جو اعلان ڪيو هو. پر تاريخ مان ايترو آسانيءَ سان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ممڪن ڪونهي. اها اڳتي وڌي پئي انهن دلال قسم جي بورجوا دانشورن جي پرواهه ڪرڻ بنا ۽ هاڻي تاريخ جو ڦيٿو 180 ڊگري مخالف طرف هلڻ لڳو آهي.

سوويت يونين جو زوال بيشڪ هڪ عظيم تاريخي حادثو هو. پر مستقبل جو تاريخ دان لکندو ته اهو فقط هڪ تمام وڏي تاريخي ڊرامي جو مهاڳ هو. سرمائيداريءَ جي آخري زوال جو ڊرامو. مٿي ذڪر ڪيل سببن جي ڪري، موجوده بحران ڊگهو ٿيندو. هڪ موضوعي دور جي غير موجودگي ۾، اهو سالن ڪان يا ڏهاڪن ڪان به وڌي سگهي ٿو. پر اهو سڪي جو فقط هڪ پاسو آهي. اهو بحران ڊگهو ٿيندو پر ان جو مطلب اهو ناهي ته اهو پُرامن ۽ پُرسڪون هوندو. ان جي ابتڙ، اسان جديد تاريخ جي انتهائي بحران واري دور ۾ داخل ٿي ويا آهيون.

هڪ کان پوءِ ٻيو ملڪ هن بحران کان متاثر ٿيندو. پورهيت طبقي کي اقتدار تي قبضو ڪرڻ جا ڪيترائي موقعا ملندا. تيزيءَ سان ۽ اوچتو حالتون تبديل ٿينديون، ان وقت ڏهاڪا ٿيندا جڏهن اسان کي انهن جي گهٽ ۾ گهٽ اميد هوندي. اسان کي تيار رهڻو پوندو. نوجوانن جي وسيع پرتن تي ڪميونزم جي اهميت کي ثابت ڪرڻ جي هاڻي ڪا خاص ضرورت نه رهي آهي. اُهي اڳ ۾ ئي ڪميونسٽ ٿي چڪا آهن. اهي هڪ بي داغ بينر ڳولهي رهيا آهن، هڪ اهڙي تنظيم ڳولهي رهيا آهن جنهن جو اصلاح پسنديءَ ۽ ڪابيءَ ذر جي ياڙيائپ واري موقعي پرستيءَ سان ڪو به واسطو نه هجي.

اسان کي انهن تائين پهچڻ ۽ انهن کي پرتي ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪرڻي پوندي. نئين پارٽي ۽ نئين انٽرنيشنل جو اعلان بہ ان ڪوشش جو حصو آهي. اها معروضي صورتحال جي گهرج آهي. اهو هڪ تمام ضروري ۽ تڪڙو فرض آهي جنهن ۾ غفلت نہ ٿيڻ ڪپي.

ضرورت آهي هڪ اهڙي پارٽيءَ جي جيڪا لينن ۽ ٻين عظيم مارڪسي استادن جي نظرين تي ٻڌل هجي.هڪ اهڙي بين الاقواميت تي ٻڌل جيڪا ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي پهرين پنجن سالن جي پاليسين تي عمل ڪري .هڪ تمام وڏي ذميداريءَ جي مقابلي ۾ اسان تعداد ۾ ٿورڙا آهيون ۽ اسان ان حوالي سان ڪنهن غلط فهميءَ جو شڪار بہ ناهيون. پر تاريخ ۾ هر انقلابي تحريڪ شروع ۾ تمام ننڍي ۽ غير اهم لڳندي هئي.

اسان کي تمام گهڻو اهم ڪم ڪرڻو آهي ۽ اسان کي اڳ ۾ ئي ان جو ميوو ملڻ شروع ٿي ويو آهي ۽ تمام جلد اسان هڪ فيصلائتي مقام تي پهچي ويندا سين. اسان هاڻي تيزيءَ سان وڌي رهيا آهيون ڇاڪاڻ تہ اسان هاڻي تاريخ جي وهڪرن ساڻ ترون پيا. سڀ کان وڌيڪ اهم اهو آهي ته اسان وٽ صحيح نظريا آهن. لينن چيو هو تہ مارڪسزم انهيءَ ڪري طاقتور آهي جو اهو سچ آهي. اها حقيقت اسان کي مستقبل بابت تمام گهڻو اعتماد ڏئي ٿي.

عظيم فرينچ يوٽوپيائي سوشلسٽ فوريئر سوشلزم جي تعريف ڪندي چيو تہ اهو انساني نسل جي صلاحيتن کي حقيقت ۾ تبديل ڪرڻ جو ذريعو آهي. ڪميونزم جي دور ۾ انساني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هن وقت تائين بند پيل بلند ترين ثقافت جا دروازا عوام

جي لاءِ کوليا ويندا. فن، موسيقي ۽ ثقافت اهڙي ترقي ڪندا جهڙي دنيا اڳ ڪڏهن به نہ ڏٺي هوندي.

هڪ نئين دنيا جڙندي جنهن ۾ زندگيءَ ڪي نيون معنائون ملنديون. پهريون ڀيرو مرد ۽ عورت مڪمل برابريءَ جي بنياد تي انسانيت جي وقار تائين پهچندا. اهو انسانيت جو هڪ عظيم ڇال هوندو، جبر جي ماحول کان آزاديءَ جي ماحول تائين. مردن ۽ عورتن ڪي سني زندگيءَ لاءِ انسان ڪي نہ آسمان ڏانهن ڏسڻو پوندو ۽ نہ ئي موت جو انتظار ڪرڻو پوندو. اهي هڪ نئين دنيا جو مزو چکيندا جنهن ۾ استحصال، جبر ۽ ناانصافيءَ کان آزادي ڪانپوءِ زندگيءَ ڪي هڪ نئين معنٰي ملندي .هي اُهو شاندار مستقبل آهي جنهن لاء اسين جدوجهد ڪري رهيا آهيون: زمين تي هڪڙو بهشت.

اهو آهي ڪميونزم جي حقيقي مطلب .

اهو واحد مقصد آهي جنهن لاءِ وڙهي ۽ مري سگهجي ٿو.

اهو ئي سبب آهي تہ اسين ڪميونسٽ آهيون !

اهو اسان سيني تي لازمي آهي تہ ان فرض جو پورائو بنا ڪنهن جهجهڪ جي ڪيون، انهيءَ يقين سان ته اسان ضرور ڪامياب ٿينداسين.

اسان جي جدوجهد جا نعرا هيٺ ڏنل آهن:

سامراجي لٽيرا، مرده باد!

سرمائيداراڻي غلامي، مرده باد!

بينڪن ۽ سرمائيدارن جي خانگي ملڪيت جو خاتمو ڪيو وڃي!

ڪميونزم، زنده باد!

دنيا جا پورهيتو، هڪ ٿي وڃو!

هڪ نئين بين الاقواميت جي تعمير ڏانهن وَڌو!